
اوتر جي ماءُ

(ٽي وي ڊراما)



محمد علي پٺاڻ

kaplan abro

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اوڏر جي ماءُ

(ٽي وي ڊراما)

اوڏر جي ماءُ

(ٽي وي ڊراما)

محمد علي پٺاڻ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

كتاب نمبر 000

كتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪوبہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگھجي.

اوڏر جي ماءُ (ٽي وي ڊراما)

ڪھاڻيڪار: محمد علي پٺاڻ
چاپو پھريون: 2021ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڪمپوزنگ: محمد امين ڪلھوڙو
لي آئوٽ: سيد آفاق شاھ
ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو
قيمت: 000 رُپيا

چپيندڙ: ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي
چپائيندڙ: پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي
peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو ھنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گھر
ڪراچي: رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ صدر قمر آفتاب 0300-2152634
حيدرآباد: عبرت پريس واري گھٽي ديدار شاد گوپانگ فون: 0304-3018400
لاڙڪاڻو: پرڳڙي پلازہ جي سامھون: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801
خيرپور: تھذيب نيوز ايجنسي: عمران عباس، فون: 0308-3475569
سکر: الفتاح نيوز ايجنسي: اشفاق احمد فون: 0300-3293790
سارنگ بوڪ ورلڊ: فون: 0301-3431537
دادو: مدني ڪتاب گھر: شوڪت ڪوڪر فون: 0300-3556788

ارپنا

سهري

محمد ايوب پٹاڻ

ءِ سَسُ

نواب خاتون پٹاڻ

جي نالي

سچاڻپ

نالو: محمد علي پناڑ
والد جو نالو: حبيب الله پناڑ
والده جو نالو: عائشہ خاتون عباسي
جم جي تاريخ: 03 فيبروري 1962ع
جم جو هنڌ: لاڑڪاڻو
پرائمري تعليم: گورنمينٽ پرائمري اسڪول محلو غوث پور لاڑڪاڻو
سيڪنڊري تعيلم: گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول، لاڑڪاڻو
انٽر: گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڑڪاڻو
بي اي: سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ
ايم اي : (سنڌي ادب) سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ
شادي: 1987ع
اولاد: هڪ نياڻي روحي بانو پناڑ
لکڻ جي شروعات: 1974ع کان ٻارن جي لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان
چپيل ڪتاب: اکيون آلا چنڊ (نثري نظم) 1988ع،
عاشورا آهن (شاعري) 1995ع،
اگهيا اوجاڳا (وايون) 2000ع،
پڳو آرس اکڙين (شاعري) 2001ع،
Fluttering Feelings (Poetry) 2011
Translated by: Jam Jamali
مسافتون ياد جون (ڪوتا ناول) 2013ع
مسافتين ياد ڪي (اردو) ترجمو: ننگر چنہ 2015ع
اڇي رات ڪارو چنڊ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع
مونکي آهَ اڌاريو (شاعري) 2016ع

ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (کهاڻيون) 2016ع
وقت بيهي نٿو... (طويل نظم) 2018ع
سئو لفظ سئو کهاڻيون (کهاڻيون) 2018ع
سامين سمر سور (ٽي وي ڊراما سيريل) 2018ع
دنيا کان اڳتي (کهاڻيون) 2019ع
جان جيئان تان پاڻيان (نظمَ) 2019ع
طوفان ۾ ککائون گهر (کهاڻيون) 2020ع
تيسرا لباس: (اردو) ترجمو: ننگر چنا 2020ع
دنيا سي آگي: (اردو) ترجمو: ننگر چنا 2020ع
گهائي ٽي تنهائي (شاعري) 2020ع
اُميد جو ڪرٽو (کهاڻيون) 2021ع
Ray Of Hope (Short Stories) 2021
منظر مهڪي ٿو (شاعري) 2021ع
نئون مثال (کهاڻيون) (2022ع)
وڇوڙي وايون (شاعري) (2022ع)
اوڏر جي ماءُ (ٽي وي ڊراما) (2022ع)

اڻڇپيل ڪتاب: Odyssey of Memoirs (Poetic Novel) Translated By Muhammad Hashim Solangi، طوفان ۾ جهونپڙي (اردو) ترجمو: ننگر چنا، منهنجو ڏک (سوانحي ڪَوِتا ناول)، Reflection (Shorts Stories) Translated by Rafia Bukhari، روشنيءَ راهون (مهاڳ) ڏيئي هينان اوندهه آهي (ڪالم)، پرهه جا تازا گلاب (شاعري)، مونکي به ونڊي هلو (کهاڻيون)، وقت جا ڪانڊا (ناول) ، واٽ وڃائي جن (ناول)، ڏوهي گهاٽ (ناول)، ٻڌائي ۽ بلهيُ شاهه جي ديس ۾ (سفرنامو)، وهڪرو (انفرادي ٽي وي ڊراما)، پَسيِ بازاريون (ڪالم)، انصاف (ٽي وي ڊراما سيريز)، ڏِڪِ دنگيِ هَل ناکئا (ڪالم)، يادگريون سنيال (خاڪا)، ڏر تتي (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڏکي ۽

ڏونگر (ڪالم)، منفرد ماڻهو (خاڪا)، اوجهڙ (ٽي وي ڊراما سيريل)، هاروچو پنهور جو (انٽرويوز)، انون نڪاح (اسٽيج ڊرامو)، ايي اياريام (ڪتابن تي ڪيل تبصرا، بيڪ پيج ۽ فليپ)، ڏنو پٽ ڇُٽي جو (اسٽيج ڊراما) اَکَرَ جِيائين جُڙيا (مضمون ۽ اخباري فيچر)، تڪرار (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڪاهيءَ جي وچ ۾ (ناوليٽ)، پنج ڪهاڻيون پنج ڊراما.

سهيڙيل ڪتاب: ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسيءَ جي آتم ڪهاڻي "جيڪي هلن هيڪليون"، سويي گيانچنداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي "روشنيءَ جي پنڌ ۾"

ٽيليڪاسٽ ٿيل ڊراما سيريز:

انصاف (سنڌ ٽي وي 2004)، اڇي رات ڪارو چنڊ (ڪي ٽي اين 2005).

ٽيليڪاسٽ ٿيل انفرادي ڊراما:

وهڪرو (ڊائلاگن کان سواءِ)، قومي شاعر، بک بيڙو ٿول، پاڻيءَ جا شهيد، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، همٽ، پنجوڙ (مرڪزي خيال رزاق مهر جي اسٽيج ڊرامي ايف آءِ آر تان ورتل) ڪاري ڪتي آهي (ڪهاڻي / امر جليل) ساڃيو ئي سوال (ڪهاڻي/ ايشور چندر)، انڈو خواب (ڪهاڻي / اخلاق انصاري) اوڏر جي ماءُ، مداخلت.

اڻ ٽيليڪاسٽ ٿيل ٽي وي ڊراما:

ڏر تتي (ڊراما سيريل)، هَڻُ (انفرادي ڊراما)، بيوسي (انفرادي ڊراما)، سامين سمر سور (ڊراما سيريل)، توتان بند ٻِدا ٿيو (ڪهاڻي:امر جليل)، تڪرار (ڊراما سيريل)، پڙلاءُ (ڪهاڻي: امر جليل)

ايوارڊ: "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" ۽ "انجمن ترقي پسند مصنفين" پاران 2016ع جو ڪهاڻين جي ڪتاب "ميندي لهڻ کان ڳ ۾" بهترين ڪهاڻي ڪتاب جو

ايوارڊ، "سچل سر مست يادگار ڪاميٽي" پاران 2022ع ۾ "بهترين مقالا نگار جو ايوارڊ"، "بزم روح رهاڻ" پاران 2022ع ۾ "حميد سنڌي ايوارڊ" ۽ ٻيا کوڙ سارا.

ڳايل شاعري: بيدل مسرور بدوي، رحمان مغل (سرمد سنڌي)، عاشق نظاماڻي، رحمت ميرالي، شبانه ڪوثر، نظير سمون، شفيق منگي، محمد بچل عباسي، هادي بخش عباسي، پروان علي (مشتاق شيخ)، ممتاز شيخ (سهڻو شيخ)، نديم سومرو، محمد هاشم، حاڪم جوڳي.

ايڊيٽر: "ذات" پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، "مرڪ" پبليڪيشن ۽ ماهوار "ڪونج"، لاڙڪاڻو

نوڪري: (رٽائرڊ) ايسوسيئيٽ پروفيسر، گورنمينٽ ڊاگري (بوائز) ڪاليج جوڳي موڙ، ڪراچي

رهائش: مادل ڪالوني، ڪراچي.

سيل نمبر: 03312291073 – 03003414407

اي ميل: pathanmohammadali@gmail.com

فهرست

- مهاڳ — بيدل مسرور
- پيش لفظ — ڊاڪٽر شير مهراڻي
- محمد علي پٺاڻ هڪ عادل ليکڪ — سڪندر عباسي
- مختصر راءِ — آفتاب ڪريم بلوچ

ٽي ڊراما

01 مداخلت

02 اوڏر جي ماءُ

محمد علي پٺاڻ جا سولو ناٽڪ

سنڌي ٽيلي پلي جي تاريخ گهڻي پراڻي ڪانهي، ڇاڪاڻ ته خود ٽيليويزن جي ابتدا 26 نومبر 1964ع تي ٿي آهي، 1967ع ڌاري ڪراچي، راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي سينٽرن تان ۽ پشاور ۽ ڪوئٽيا سينٽرن تان 1974ع ۾ پروگرام ٽيليڪاسٽ ٿيڻ شروع ٿيا هئا. جن ۾ ذهني آزمائش، ديني، هارن، عورتن ۽ شاگردن جي يا ادبي پروگرامن مشاعرن، ڊاڪيومينٽريز، خبرن، راندين ۽ ڪرنٽ افيئرس کان وڌيڪ اهميت ڊراما کي هئي.

شروع واري عرصي ۾ سنڌي پروگرام ڏهن منٽن تي مشتمل هوندا هئا، بعد پنجويهن منٽن جا ۽ پوءِ ڪلاڪ جا ٿيا. شروع ۾ ريڊيو تان نشر ٿيندڙ طبعزاد ڊرامن سان گڏ سنڌيءَ جي نالیوارن ڪاٽيڪارن جي ڇپيل ڪهاڻين کي بہ ڊرامائي تشڪيل ڏئي پيش ڪيو ويندو هو ۽ ايئن پي ٽي وي جي سنڌي ٽيلي ناٽڪن توڙي ٻين پروگرامن جو هڪ سنهرو دور شروع ٿيو ۽ ڪيترن ئي ليکڪن ۽ اداڪارن تمام وڏي شهرت ماڻي ۽ مسلسل ايوارڊ حاصل ڪيا.

هاڻي بہ نَون ٽي وي چينلن جي شروع ٿيڻ سان ليکڪن، اداڪارن ۽ فنڪارن جي وڏي کيپ پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ محمد علي پٺاڻ بہ شامل ٿيو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ سندس بہ ٽيلي (Solo Plays) ڊراما شامل آهن: هڪڙو "مداخلت" ۽ ٻيو "اوڏرجي ماءُ". هي ٻئي ڊراما عبدالڪريم بلوچ جي فرزند آفتاب ڪريم بلوچ پي ٽي وي لاءِ تيار ڪيا آهن.

مداخلت:

هن ڊرامي جي ڪهاڻي سنڌ جي گهريلو ماحول تي ٻڌل آهي،

جنهن ۾ مائي ڀانان ٻن گهرن جي وچ ۾ ويڇو وجهڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيندي ڏيکاري وئي آهي، پر ليکڪ پڃاڻيءَ ۾ سندس پيدا ڪيل فتني کي ظاهر ڪري، انهن ٻن گهرن جي وچ ۾ پوندڙ ڏار کي بچائي ورتو آهي. اسٽيج، ريڊيو يا ٽيليويزن ناٽڪ جو اصل مقصد ۽ اهو ئي آهي ته سماج ۾ ان جي رهندڙن جي حقيقي ڏک سک کان ڏسندڙن يا ٻڌندڙن کي نه رڳو واقف ڪجي پر ان جو ڪو ممڪن حل ۽ ڪڍي ڏيکارجي، ۽ مان سمجهان ٿو ته فتني ۾ ان جي نقصانن کان بچڻ لاءِ ليکڪ شعوري طور سک شانتيءَ سان گذارينڊ خاندانن ۾ اٽڪڻ پيدا ڪرائيندڙ منفي ڪردار ڏانهن نهايت نزاڪت سان ڏيان ڇڪايو آهي.

محمد علي ٽالپر نهايت سنجيدگيءَ سان مرڪزي ڪردارن ذريعي نئين سجاڳيءَ جو موضوع کنيو آهي ۽ ان جي ڪردارن جي اخلاقي رابطن مرڪزي ڪردارن جي وسعت نظريءَ کي بهتر انداز سان پيش ڪيو آهي. هن ٽيلي پلي جي سنائي اها ۽ آهي ته ان ۾ ڪردار ۽ گهٽ آهن ته سيٽ ۽ گهٽ آهن، ته مڪالما ۽ ننڍا ننڍا آهن. ۽ ناٽڪ جي جستوجو واري عنصر جي ڪري محمد علي ٽالپر جي هن ناٽڪ جي ڪهاڻيءَ جي پيشڪش اهڙي آهي جو پڃاڻيءَ جي جستجو ۾ اسڪرين پلي جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي ٿئي.

اوڏرجي ماءُ:

هن دور ۾ اسان جي سلجهڻي شاعر محمد علي ٽالپر پنهنجي سموري پونجي پنهنجي ڪتابن شايع ڪرائڻ تي لڳائي آهي، آفرين هجيس جو هن تمام ٿوري عرصي ۾ پنجويهه ڇويهه ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جنهن تي مون کي هڪ پيري ڇيو ته اوهان جي ڪتابن جي وڏندڙ تعداد کي ڏسي مون لڳي ٿو ته توهان شيخ ايياز جي ڇپيل ڪتابن جي ڳاڻاٽي جو مقابلو پيا ڪريو. ڪلي پيو هو منهنجي ڳالهه ٻڌي.

ظاهر آهي ته شيخ ايياز جا ڪتاب ٻين ادارن شايع ڪرايا هئا، ان جي پيٽ ۾ محمد علي ٽالپر پنهنجي پئسن سان ڪتاب ٿو شايع

ڪرائي، ان ڪري هو وڏيڪ جس جي قابل آهي.

جيئن تہ اسٽيج، ريڊيو يا ٽيليويزن ڊرامو بنيادي طور هڪ ادبي تخليق جي حيثيت رکي ٿو ۽ ريڊيو، اسٽيج يا ٽيليوزن تي اهڙا هزارين ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن جيڪي هڪ تمام وڏي تخليقي ادبي خزاني جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن، پر ڪٿي ڪي هڪ اڌ ناٽڪ شايع ٿيا آهن، باقي هزارين ناٽڪ اڻ ڇپيل ئي رهجي ويا آهن، ان حوالي سان محمد علي پٺاڻ کي آفرين آهي جو هن پنهنجا ناٽڪ شايع ڪرايا آهن.

ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ جتي سنجيده مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي، اتي تفريحي يا مزاحيا ڊراما بہ پيش ٿيا آهن، ان حوالي سان محمد علي پٺاڻ جي هن ڊرامي "اوڏرجي ماءُ" ۾ طنز مزاح جو عنصر پيدا ڪيل آهي، حالانڪ محمد علي پٺاڻ سان جيتري منهنجي واقفيت آهي تہ هو نهايت سنجيده ۽ شاعراڻي طبيعت واروشخص آهي، پر هن هي تفريحي ناٽڪ لکي پنهنجي تخليقي ذهن جو اظهار ڪندي هن اهو ئي محسوس ڪرايو آهي تہ ڏيءَ جي شاديءَ جي بهاني مختلف ماڻهن کان قرض ونڻي، زندگي گذاريندڙ ماڻهوءَ جو ان وقت ڪهڙوحال ٿو ٿئي! جڏهن قرض موٽائي ونڻ وارا مٿان اچي ٿا ڪڙڪنس. ناٽڪ ۾ اها ڳالهہ نهايت مزيدار انداز سان ڏيکاريل آهي تہ جڏهن قرض جا پئسا گهرندڙ ماڻهو وٽس اچن ٿا ۽ هو انهن کي پئسن نہ ڏيڻ لاءِ گوٽنات ڪيئن ٿو ڪري، پر... آخرڪار هڪ ڪڙو دهل وڄائي ڪيس خوار ڪري ٿو تڏهن هو ماڻهن جا قرض موٽائي ڏيڻ تي مجبور ٿئي ٿو.

اسان جي زماني ۾ هن قسم جا تفريحي ناٽڪ گهٽو ڪري عيد وارن موقعن تي پيش ڪيا ويندا هئا.

محمد علي پٺاڻ هن ناٽڪ جي مختصر پلاٽ کي سٺي انداز سان پيش ڪيو آهي ۽ قرض گهرندڙ هر شخص کي پنهنجي ڪرداري نفسيات ۽ انهن جي لهجي سان پيش ڪيو آهي، مثال طور ڪو ٻاتو آهي تہ ڪو علمي گفتگو ڪندڙ آهي، گلابو ڪاسائي پنهنجي

ڪاسائڪي انداز سان ٿو ڳالهائي تہ ڪدڑو پنهنجي لهجي ۾ ٿو ڳالهائي. مختصر ويهڪ ۾ ڊرامو ”اوڏرجي ماءُ“ دلچسپ آهي ۽ ڏسڻ ۽ پڙهڻ جهڙو آهي.

بيدل مسرور

سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ
30 اپريل 2022ع

محمد علي پٺاڻ جي ڊرامہ نويسي

ادب جي ابتدا ڊرامي سان ٿي آهي. اها ابتدا اسان کي يونان جي قديم دور کان ملي ٿي. ابتدائي ڊراما منظوم هوندا هئا، جن کي "سانگ" پڻ چيو ويندو هو. ٽرئجڊي ۽ کاميڊي جي ابتدا پڻ ساڳي ئي آهي. يونانين وٽ ايجا "ادب" توڙي "شاعري"، "ڊرامي" ۽ "موسيقيءَ" لاءِ مناسب لفظ موجود نہ هئا، پر ان هوندي بہ انهن وٽ ادب، شاعري، ڊرامي ۽ موسيقي جهڙا فن رائج هئا. هو گهڻو ڪري "سانگ"(ڊراما) ڳائي پيش ڪندا هئا. پر هو ڪلام کي بہ "ڪلام" ڪري نہ سڏيندا هئا. بلڪ مختلف موقعن توڙي مختلف ديوتائن لاءِ هو مختلف ڪلام جوڙيندا، ڳائيندا ۽ پيش ڪندا هئا، ۽ انهن جا هنن وٽ نالا رکيل هوندا هئا. جيئن "لامينٽ" اهڙو ڪلام هو، جيڪو ڪنهن جي مرتئي تي پيش ڪيو ويندو هو، "آئمبوس" هڪ هجويہ ڪلام هو، "پيان" خوشي ۽ راحت جو ڪلام هو، ۽ اپالو ديوتا لاءِ پيش ڪيو ويندو هو. جڏهن تہ "ڊٿائريمب" پڻ هڪ قديم ڪلام هو، جيڪو پڻ ديوتائن جي اڳيان پيش ڪيو ويندو هو. اهي ڪلام بہ نمونن سان پيش ڪيا ويندا هئا. هڪ تہ ڪوهڪڙو فنڪار شاعريءَ جو ڪو هڪ اسم سُر سان ڳائيندو هو، ۽ داد وصول ڪندو ۽ ٻيو نمونو اهو هو تہ ڪافي فنڪار گڏجي "ڪورس" ۾ ڪو ڪلام ڳائيندا ۽ نچندا هئا. هومر جي ٽرئجڊي ۽ ٻين شاعرن جي کاميڊي وارا ڏڳها نظم ۽ ڊراما گهڻو بعد ۾ لکيا ويا. "ٽرئجڊي" مان ڏک ۽ درد جي معنيٰ بہ گهڻو پوءِ ورتي وئي؛ "ٽرئجڊي" جي اصل معنيٰ "ٻکر جو ڪلام" آهي، جنهن جو اصل مقصد اهو هوندو هو تہ ڪنهن مجلس يا ميٽنگ جي پڄاڻي تي "ٽرئجڊي" وارو ڪلام پيش ويندو هو، ۽ آخر ۾ ٻکر جي قرباني ڏني

ويندي هئي. جڏهن ته ڪاميڊي جو اصل لفظ "ڪومواِئڊيا" هو، جيڪو "ڪوموس" نالي هڪ ڳوٺ تان ورتل هو، جنهن ۾ گهٽو ڪري خوش طبع ماڻهو رهندا هئا.

سياري جي مند ۾ ڊائينوسس ديوتا کي سالياني ميلي ۾ خراج پيش ڪرڻ لاءِ هر ليکڪ/ڊراما نگار کي ٽي ٽرئجڊي ۽ هڪ ڪاميڊي ڊرامو پيش ڪرڻو پوندو هو. سڪندر اعظم جڏهن سنڌو درياهه جي ڪناري تي پهتو ۽ مقامي ماڻهن کان درياهه جو نالو پڇيائين ۽ نالي معلوم ٿيڻ تي چيائين ته "اڇو ته هن عظيم ساگر (سنڌو درياهه) جي اڳيان سر جهُڪايون، هن اسان کي ڊائناسس ديوتا ڏنو آهي." يعني جنهن ديوتا جي سالياني ميلي سان يوناني تنقيد جو بنياد جڙيل آهي، اهو ديوتا اصل ۾ سنڌو درياهه مان نڪتو هو. ان ميلي جي پڇاڻيءَ تي بهترين ڊراما نگارن کي انعام ڏنا ويندا هئا. انعام ۾ گهٽو ڪري ڊاک جي ول ۾ ضرور ڏني ويندي هئي ڇاڪاڻ ته ڊائينوسس ديوتا اصل ۾ مڌ، شهوت، جنون ۽ پوک جو ديوتا هو. ڊرامن لاءِ باقاعده عنوان ڏنا ويندا هئا ۽ ليکڪ پڻ هر حيلو وسيلو ڪتب آڻي سني ۾ سٺا ڊراما لکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سوفوڪليز، اسڪائيلس ۽ ارستوفينز جا ڊراما انهن ئي ڏينهن جي تخليق آهن. انهن مقابلن لاءِ سوفوڪليس 123 ڊراما لکيا، جن مان هن وقت ست ڊراما موجود آهن. جڏهن ته اسڪائيلس جا پڻ ست ڊراما موجود آهن. ٻيا ڊراما وقت جي وهڪرن ۾ گم ٿي ويا. جڏهن ته ارستوفينز جا پڻ ٽورا ڊراما بچيا آهن. سوفوڪليس SOPHOCLES جو شُمار يونان جي ٽن نالي وارن ٽرئجڊي نگارن ۾ ٿئي ٿو. هُن جي پيدائش جي تاريخ 495 قبل مسيح آهي. ڪيس جسماني ورزشن ۽ ڳائڻ وَڄائڻ ۾ وڏي مهارت هوندي هئي. جڏهن هُو ستاِويهن سالن جو هو ته ٽرئجڊي نگارن جي مُقابلي ۾ هُو اسڪائيلس کان کٽي ويو حالانڪِ اسڪائيلس کانئُس عُمر ۾ ٽيهه سال وڏو هُئو. پيري ڪلس سان گڏ هُو جنرل جا فرض ب سر انجام ڏيندو هو ۽ عملي سياست ۾ ب حصو ونڊندو هو. هُن جي ڊرامن جا ڪي ٽورا نالا وجي باقي بچيا آهن. انهن مان

"اجاڪس"، "ظالم ايڊيپس"، "انتي گون"، ۽ "فِلو ڪٽيٽس" گھٽا مشھُور آھن. ڊرامي جي تاريخ ۾ ھُن جو حصو ھيءُ آھي تہ ھُن ھڪ ٽئين اداڪار جو واڌارو ڪري عمل کي ڊيگھ ڏني. سنگيت جي اھميت گھٽائي ڇڏي پر ڪيس اڳ کان وڌيڪ وٽندڙ بڻائي ڇڏيائين. ڪردار نگاريءَ ۾ ڪيس ڪمال حاصل آھي. خاص ڪري نِسائي ڪردارن جُون خُوبيون ھُو وڌيءَ خوش اسلُوبيءَ سان بيان ڪري ٿو. نقاد ھُن جي زبان ۽ اسلُوب جي وڏي ساراھ ڪن ٿا." جڏھن تہ اسڪائيلڪس "(AESCHYLUS) پڻ يونان جو قديم ٽرئجڈي نگار ٿي گُذريو آھي. ايٿنز ويجھو 525 قبل مسيح ۾ ھڪ وڏي گھراٽي ۾ پيدا ٿيو. ايرانين اڳيان ميراثان ۽ سالامس جي جنگين ۾ شريڪ رھيو. پنجويھين سالن جي عمر کان ٽرئجڈيون لکڻ شروع ڪيائين. ڪُجھ ڏينھن سسليءَ ۾ بہ رھيو. ڊرامي ۾ سوفو ڪليز ھُن جو وڏو ويري ھو. 462 قبل مسيح ۾ سسليءَ ۾ وفات ڪيائين. چيو وڃي ٿو تہ ھُن نوي ٽرئجڈيون لکيون جن مان ٻياسيءَ جا نالا يوناني ادب ۾ جاءِ بجاءِ ڏنا وڃن ٿا پر رُڳو ست ٽرئجڈيون محفُوظ آھن. انھن مان "ايران واسي"، "ٿيبس جا مقابلا"، "پروميٿيس بائونڈيڈ" ۽ "اگامم نان" گھٽيون مشھُور آھن. ھُن جي اصل سچاڻ سندس اسلوب جو بيان آھي، جنھن ۾ عظمت ۽ شوڪت سندس فلسفياڻا فڪر آھن ۽ فني موڙ تي ٽرئجڈي نگاريءَ ۾ ڪمال رکندو ھو.

سنڌي ناٽڪ/ڊرامي جي ابتدا گھٽي دير سان ٿي آھي. ڊاڪٽر محمد يوسف پنھور لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ ناٽڪ جي تاريخ باقاعدگي سان اٽويھين صدي عيسوي جي وچ ڌاري سھيڙجڻ شروع ٿي. 1854ع ۾ قائم ٿيل 'رايل ٿيئٽر ڪراچي' ناٽڪ جي ميدان ۾ پھريون قدم ھو جنھن 6 ۽ 8 جون 1854ع تي جان ٿامس ھئينز (John Thomas Haines) جو مڪمل ميلو ڊراما 'آسترلز' يا دي سولجرز برائيڊ_ Austerlitz or The Soldiers Bride) پيش ڪيو ھو، جنھن ۾انگلنڊ جي مھاراٽي جي 83 ريجمينٽ جي شوقيہ فنڪارن حصو ورتو ھو." ايئن پوءِ سنڌ ۾ گھٽيون ئي ڊراميٽڪ سوسائٽيون قائم ٿيون جن ۾ڏيارام جينيمل (ڊي جي)

سنڌ ڪاليج "ايميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي ڪراچي"؛ جيڪا پوءِ "سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچي"، جي نالي سان مشهور ٿي؛ هيءَ منڊلي ان وقت جي ڪاليج پرنسپال ڊاڪٽر جئڪس ۽ پارسي وائيس پرنسپال بادشاهه جي اُڌم پاران جاري ڪئي وئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سنڌي ناٽڪ جي ابتدا بابت لکي ٿو ته، "سنڌي ناٽڪ 19 صديءَ جي آخر ۾ وجود ۾ آيو تنهن کان اڳ، ان صديءَ جي وچ کان ونڊي، ممبئيءَ مان ڪيتريون ناٽڪي پيشي واريون پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون سنڌ ۾ اينديون هيون ۽ خلق ۾ ناٽڪن ڏسڻ جو شوق پيدا ڪري ڇڏيو هئائون."

اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ ڊرامن جا مختلف دور آيا ۽ هن وقت پڻ ڊرامو لکيو، پيش ڪيو، ڏٺو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. اڪثر ڊراما نگارن جا ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. جن ۾ شمشيرالحيدريءَ جو "ڪاڪ محل"، ممتاز مرزا جو "آخري رات"، آغا سليم جا ڊراما، قمر شهباز جا ڊراما وغيره شامل آهن. جڏهن ته علي بابا، امر جليل، مراد علي مرزا، يوسف شاهين، ڊاڪٽر قاضي خادم، عبدالقادر جو ٽيجو، شوڪت شورو، طارق عالم ابڙو، ڊاڪٽر رضيه ڪوڪر، منظور ڪوهيار، نورالهدىٰ شاهه، محمود مغل، اسحاق انصاري، رزاق مهر، شبنم گل ۽ محمد علي پناڻ پڻ گهڻا ڊراما لکيا آهن. "سنڌي ٽيلي ويزن ڊرامي جو تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي اڀياس" جي عنوان سان ڊاڪٽر قاسم راڄپر 500 صفحن کان مٿي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز لکي ڊرامي جي تاريخ کي بهترين نموني سان دستاويزي شڪل ڏني آهي. جڏهن ته غلام حيدر صديقيءَ "ننڍي کنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ" ۽ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور "سنڌي ناٽڪ جي تاريخ" جي عنوان سان ڪتاب لکي سنڌ ۾ ڊراما نگاري بابت معلومات کي يڪجاءِ ڪيو آهي.

محمد علي پناڻ گهڻ رخو عالم، اديب ۽ شاعر آهي. هي سندس پنجويهون ڪتاب آهي؛ جڏهن ته ايڏا سندس اڻڇپيل ڪتابن جو پڻ وڏو انگ موجود آهي. هو تمام گهڻو متحرڪ اديب آهي. هو نه صرف پاڻ لکي ٿو بلڪ ٻين اديبن کان پڻ لکرائي ٿو. جن ۾ ماضيءَ ۾

ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي ۽ انور پيرزادو ۽ حال ۾ بادل جمالي، ميڊم جهان آرا سومرو، ڪيلاش، زرار پيرزادو، ڊاڪٽر زيد پيرزادو ۽ ٻيا ڪيترائي اديب ۽ شاعر شامل آهن. هن وقت تائين سندس ڊرامن جا ٻه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن؛ جن ۾ "اڇي رات ڪارو چنڊ" ۽ "سامين سَمَرُ سورُ" شامل آهن. جڏهن ته سندس لکيل ڏهن قسطن جي ڊراما سيريز "انصاف" (سنڌ ٽي وي) تان ۽ تيرهن قسطن جي ڊراما سيريز "اڇي رات ڪارو چنڊ" (ڪي ٽي اين) تان ۽ تيرهن انفرادي ڊراما پي ٽي وي ۽ ڪي ٽي اين تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن، ۽ ست انفرادي ڊراما ۽ ٻه ڊراما سيريلس اڃان ٽيليڪاسٽ ناهن ٿيا.

هن ڪتاب ۾ سندس ٻه ڊراما آهن، جن ۾ "اوڏر جي ماءُ" (ڪاميڊي) ۽ "مداخلت" (سماجي مسئلي تي لکيل ڊرامو) شامل آهن. هي ٻئي ڊراما تمام گهٽا اهم آهن. "اوڏر جي ماءُ" ڪاميڊي واري انداز ۾ لکيل آهي. اهڙا ڪردار سماج ۾ موجود آهن، جيڪي هن ڊرامي جي مرڪزي ڪردار "پوپٽ خان عرف ست رنگي" وانگر ماڻهن کان اوڏر ونڻ ٿا ۽ پوءِ واپس نٿا ڪن. هيءَ هڪ سماجي حقيقت آهي؛ جنهن کي محمد علي پنهنجي تمام خوبصورت نموني سان ڊراماٽائيز ڪيو آهي. بلڪ هن ڊرامي جا ڪجهه ڊائيلاگ ته تمام گهٽا سنجيده ٻه آهن، ۽ پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. جيئن:

"هتي ڪات سدائين سوپارو رهيو آهي. اهو اڳ ۾ پنهنجي ڪاروائي ڪري، هليو ويندو آ، داد رسي پوءِ پَنَن ۾ ٿيندي آ!"

يا

"چون ٿا، سڄو فوڊ ڪاتو ڪائي ڪروڙ پتي، ارب پتي ٿي ويو آن. ٻڌاءِ، الله ڏي ٻه هلڻو ٿئي يا نه."

اهڙيءَ ريت ڊرامو اڳتي وڌي ٿو ۽ نيٺ پوپٽ خان عرف ست رنگي جي ڪرتوتن سبب "اوڏر جي ماءُ" مري ويڃي ٿي.

ٻيو ڊرامو "مداخلت" هڪ سماجي مسئلي تي لکيل آهي؛ جنهن ۾ زال مڙس جي نفيس رشتي جي وچ ۾ ٽيٽو وجهندڙ هڪ عورت ڪردار "مائي ٻانان" کي ظاهر ڪيو ويو آهي. اها عورت ڊرامي جي

هيرو سعيد ۾ هيروئن اُڪير جي وچ ۾ وڌي چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان نفرت جي ديوار کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي؛ پر ڊرامي ۾ نہ صرف کيس ناڪام ڏيکاريو ويو آهي؛ بلڪ کيس رُسوا ڪري سماج ۾ موجود اهڙن ڪردارن جي اٽسڌيءَ طرح نندا ڪئي وئي آهي.

هڪ ليکڪ کي، سماج کي اهڙيءَ طرح ئي هاڪاري رخ ۾ وٺي وڃڻ گهرجي.

محمد علي پٺاڻ جي هر تحرير؛ جنهن ۾ شاعري هجي توڙي ڪهاڻي، ناول هجي توڙي ڊراميا ڪو ٻيو ادب پارو، انهن ۾ سماجي حوالي سان هاڪاري ڪردار ملن ٿا.

هو حقيقت ۾، حقيقت نگار اديب سان گڏ سماجي طور ادب کي ڪارج عطا ڪندڙ ليکڪ پڻ آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سندس "فن توڙي فڪر" تي نوجوان اديب انجنيئر زبير ڪلوڙ ايم فل ٿيسز لکي رهيو آهي؛ جنهن سان پڻ محمد علي پٺاڻ جي تخليقي پورهئي جا نوان پهلو اجاگر ٿيندا. اسان دعاگو آهيون تہ مولیٰ کيس سڻي صحت عطا ڪري تہ جيئن هو علم ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهي. سندس ڊرامن جو هيءُ ڪتاب پڻ ادبي دنيا ۾ هڪ سٺو واڌارو آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي
سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي

محمد علي پناڑ هڪ عادل ليکڪ

محمد علي پناڑ قلم قبيلي جو اهو سگهارو نانءِ آهي جنهن تي قلم قبيلي جو ناز نہ ڪرڻ ناانصافي ليکبي. پاڻ جنهن بہ صنف تي لکيو اٽائون ڪمال لکيو اٽائون. محمد علي پناڑ ڪهاڻي، ڪالم، ۽ شاعري کان وڌي ڊراما اسڪرپٽ بہ شاندار لکيا آهن. گهڻ پاسائين ۽ هر رخ کان هڪ مڪمل شخصيت جو مالڪ محمد علي پناڑ اهڙو ليکڪ آهي جيڪو ڪنهن بہ صنف سان مڪمل طور انصاف ڪرڻ تي ايمان رکندو آهي. هو هڪ عادل ليکڪ آهي. هن ڪتاب ۾ شامل سندس ٻئي ڊراما "اوڏر جي ماءُ" ۽ "مداخلت" اسان جي سماج جو اهو حصو آهن جن تي لکي سائين محمد علي پناڑ هڪ سڃاڻ ليکڪ جو فرض نيائيندي معاشري جي اهڙن مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي اسان جي حياتي جو حصو بڻيل آهن، پر اسان جي بي ڌياني جو شڪار آهن. سندس ڪيئي ڊراما ٽي وي اسڪرين تي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. محمد علي پناڑ معاشري جو نبض شناس ليکڪ آهي سندس موضوع توڙي لکڻ جو انداز نرالو ۽ ٻولي عام فهم هوندي آهي.

ڊرامو "مداخلت" بيان ڪيل هڪ اهڙو ڪوجهو سچ آهي جنهن جي ڪوڙهہ ۾ ڪيئي ڪٽنب ونجي برباد ٿي چڪا آهن. اها گهٽن گهرن جي ڪهاڻي آهي . مان سمجهان هي ڊرامو ڏسڻ کانپوءِ هي اسڪرپٽ پڙهڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو هڪ گهر بہ پنهنجي سوچ جو قبلو درست ڪري ٿو تہ اها محمد علي پناڑ جي وڏي ڪاميابي ۽ نيڪي آهي.

بلڪل اهڙي طرح ڊرامي "اوڏر جي ماءُ" جي ڪهاڻي هڪ منفرد موضوع آهي جنهن سان ليکڪ هلڪي ڦلڪي مزاحيہ انداز ۾

زبردست نياءِ ڪيو آهي. اوڏر جي ماء جو مرڪزي ڪردار "ست رنگي" هڪ اهڙو نڪ جو پڪو انسان آهي جيڪو مختلف روپن ۾ اسان جي سماج ۾ ساهه ڪڍندو رهي ٿو جنهن تي هي محاورو بلڪل نهڪي ٿو تہ ' بيحيائي بادشاهي آهي `.

ءِ اهڙين رنگ بدلائيندڙ ست رنگي جهڙن ڪردارن سان ڪيئن نبرجي ان جو محمد علي ٻناڻ تمام زبردست حل ڏنو آهي.

اهڙا انيڪ موضوع اسان جي چوڌاري سڪل پنن جيان وکريا پيا آهن جيڪي اسان جي بي خيالي جي پيرن هيٺان لتاڙجندا رهن ٿا پر محمد علي ٻناڻ جي انفراديت اها بہ آهي تہ هو اهڙن موضوعن تي لکندو آهي جيڪي اسان جي من کي مهٽو ڏئي ويندا آهن. جيڪي سوچ کي سجاڳ ڪري اسان ۾ شعور جي شمع ٻاري چڏيندا آهن. محمد علي ٻناڻ جهڙي شعور بيدار ڪندڙ ليکڪ جو هي قلمي پورهيو سندس هر تخليق جيان پڙهندڙن جي جيءِ ۾ جايون والاريندو.

سڪندر عباسي
لاڙڪاڻو

هي ٻئي ڊراما "مداخلت" ۽ "اوڏر جي ماءُ" منهنجي خوشقسمتيءَ آهي تہ انهن جي ڊاريڪشن مون ڏني ۽ پي ٽي وي تان پيش ڪيا.

محمد علي پناڙ جي اها خصوصيت آهي تہ هو ڊرامي کي، ڊرامائي انداز سان لکڻ جي وڏي صلاحيت رکي ٿو.

آفتاب ڪريم بلوچ
پروڊيوسر
پي ٽي وي سينٽر، ڪراچي

مـداخـلت

مداخلت

سين نمبر: پهرين

وقت: ڏينهن
جاءِ: باغ جو منظر
ڪردار: اڪير، سعيد

ڪيميرا اڪير ۽ سعيد کي باغ ۾ گهمندي فوڪس ڪري ٿي.
سعيد اڪير کي چوي ٿو
سعيد: ماڻهو شادي ڪري اسلامآباد ۾ ڪوهه مريءَ لازمي وڃڻ چاهيندا آهن. پر...
اڪير: پر مون توکي چيو ته، نه، اسان رڳو ڪجهه ڪلاڪ هن باغ جو چڪر لڳائي ايندا سي.
سعيد: سچ، تنهنجي اها ڏگهي نظر مونکي ڏاڍي وڻي، جو پنهنجي خوشيءَ لاءِ تو بابي ۽ امان کي اڪيلو ڪرڻ نه چاهيو.
اڪير: توڙي جو انهن چيو به سَهي ۽ زور به پريائون. پر اسان کانسواءِ گهر انهن کي بُسو نظر اچي ها ۽ اداس گذارن ها. انڪري انڪار ڪيم.
سعيد: تنهنجي ان پهرين قدم مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو آ ۽ هن باغ ۾ ئي ڪجهه گهڙيون چڪر لڳائڻ واري ڳالهه به.
اڪير: چو ته گلن جي خوشبوئن ۽ ٻوٽن جي ساوڪ کي مان تمام گهڻو پسند ڪندي آهيان.
سعيد: اسانجو پيار به خوشبو ۽ خوشيون ئي آهي ۽ ساوڪن جيان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خوشگوار پڻ.

اڪير: اها قسمت جي پلائي آهي، جو اسانکي هڪٻئي لاءِ ٺاهي ايڏو ويجهو ڪيائين، جيئن گلن ۾ هن ساوڪ جي ويجهائي آهي.

سعيد: بلڪل. مون ته تنهنجي ساڻ سان زندگيءَ جي هنن معطر هوائن جو اڳ ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو.

اڪير: تصور ته منهنجي به نه هو. پر قدرت هي چا مان چا، الائي ڪيئن ڪري ڇڏيو.

سعيد: ڪيڏو نه عجيب نموني.

اڪير: ها، ڏاڍو عجيب. ٻه الڳ ذاتيون. جن جو پري پري تائين ڪڏهن ڪو تعلق ئي نه رهيو هو. پر واهه جو مالڪ جوڙڻ سان جوڙ ملايو.

سعيد: تڏهن ته چوندا هِن ته رشتا زمين تي نه، آسمان تي ٺهندا هِن.

اڪير: ها، سئو فيصد سچي ڳالهه. برابر.

سعيد: ڏس ته، اِها وچ واري مائي پانان الائي ڪاٿئون آئي. جنهن اچي اتر ۾ ڏکڻ ڪي ملايو ۾ تنهنجي ماءُ جي انڪار جي باوجود، تنهنجي پيءُ ها ڪري ڇڏي.

اڪير ۾ اها، ها به رڳو تنهنجي فوٽو ڏسڻ سان ڪري ڇڏي، مائي پانان جي چَوَڻَ تي.

سعيد: الله مون تي اهو وڏو ڪَرَمُ ڪيو، جو نه صرف بهتر هنڌ تي مائٽي ٿي، پر تو جهڙي پرستان جي پري به منهنجي نصيب ۾ آئي.

اڪير: (مسڪرائيندي) ايڏي تعريف!

سعيد: اَڙي، تڏهن ته ان خوشيءَ ۾ اجا تائين، مان پنهنجي ڪپڑن ۾ ئي نه پيو ماپان.

اڪير: (حيرانگيءَ ۾) سچي؟

سعيد: بلڪل سچي. ساڪَ سان سچي.

سعيد: امالڪ خوشيءَ مان اڇل ڏئي اڪير جو هٿ پڪڑي ٿو. ٻئي خوشيءَ جي تاثر سان پُنيرڪا ويندا نظر اچن ٿا.

Cut

سين نمبر: ٻي

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: شميم (اڪير جي امڙ)
رجب (اڪير جو پيءُ) مائي پانان

ڪيميرا وچولي ڪلاس جي گهر ۾ ڪراڙي مائي پانان کي اڇي برقعي کي مٿي ڪندي، ايندي ڏيکاري ٿي.
بورچيخاني مان نڪرندي شميم جي مٿس نظر پوي ٿي ته آدر ۾ اءُ ڪندي چويس ٿي.
شميم: اڇ اڇ ادي پانان، ڪيئن ٿئي طبيعت؟
مائي پانانان: مالڪ جي ٻاجهه آ. تون به خوش آهين نه ٻيٽ شميم.
اڳٽ ۾ رکيل کٽ ڏانهن اشارو ڪندي
شميم: ها، الله جو ڪرم آ ادي. ويهه.
مائي پانانان برقعو لاهي کٽ تي رکي ٿي ۽ ويهندي چوي ٿي
مائي پانان: ڪالهه وئي هُيم اڪير جي گهر. ڏٺم ته ماشاءَ الله گهَرَ ۾ وَرَ سان ڏاڍو خوش آ. ماني کارائڻ کانسواءِ نه ڇڏيائين.
شميم: ٻي ۽رسان واري کٽ تي ويهندي.
شميم: نه وَڙَ واري ڇوڪري آ. تربيت ئي اهڙي ٿيل ٿَس. ٻيو ته شڪر آ، ته تو مائٽي به سڻي هنڌ ڪرائي. اجايو مون انڪار ڪيو هو. ڇوڪرو ٻلو آ ۾ پيءُ ماءُ به ڏاڍا سُلجهيل اٿس.
مائي پانان: بلڪل. ۽ هڪڙي ڳالهه اڪير کي سمجهائجانءِ.
شميم: ڪهڙي؟
مائي پانان: آهستي آهستي مڙسَ يعني سعيد کي پيءُ ماءُ جي چنبي

مان ڪيڊي ۾ سال سَوا ۾ پنهنجو نِويڪلو گهَرُ وَسائي، جو هر عورت نَهندي پنهنجي نِلي گهَرَ ۾ آ. جتي ٻِئي جي ڊيڪِٽي ميڪِٽي نه هُجي.

شميم: اِهو مشڪل آ ادي. پيءُ ماءُ جو اڪيلو پُٽ آ. جن پڙهائي ان ليڪچراريءَ تائين رَسايو تُس. انهن مان ڪيئن هَٽ ڪڍندو.

مائي ڀانان: انهن کي سيهو آهي ڳوٺَ ۾ رهڻ جو. جتي به ٻارا ٻنيءَ جا به اَڻَن ته گهَرُ به. چَويس ته ڪنهن طريقي سان سعيد کي راضي ڪري، انهن کي ڪيڊي اوڏانهن ۽ ويهي گهَرَ ۾ نِلو ٻِلو راڄ ڪري.

شميم: چَوين ته صحيح ٿي. پر لڳي ناممڪن ٿو.

مائي ڀانان: ڪجهه نه ناممڪن ناهي. مڙسَ کي مُٺِ ۾ ڪري وئي آ. جاڏي وَرائڻ چاهيندي، وَرائي سگهنديس.

شميم: (ڪجهه سوچيندي ۽ ها ۾ ڪنڈ لوڏيندي) ڪيان ٿي ڪوشش. وڌيڪ دعا ڪجانءِ.

مائي ڀانان: رَبُ سڀائي ڪندو. ڇَپَرُ ڇيهوُن ڇيهوُن ٿي ويندو.

شميم: تنهنجي لاءِ ڇانهه ڪاڙهي وَنان؟

ان مهل ٻاهرين دروازي کان رجب اندر اچي ٿو

مائي ڀانان: نه ڪو. نيرن پري ڪئي ٿَمِ. طلبَ ڪونهي.

رجب مائي ڀانان کي ڪيڪاريندي.

رجب: ادي ڀانان، ٻلي ڪري آئينءَ.

مائي ڀانان: مهرباني ٻاءُ.

ڪٽ تان اٿندي ۽ برقعو ڪڍندي.

مائي ڀانان: چگو هاڻي، دعا جي نظر.

شميم: اَڙي ڪاڏي ٻيڙ، ويهُ ته گهڙي ڪَنُ.

مائي ڀانان: وري ايندیس. پنهنجو گهَرُ آ. هُو ٻاءُ، تون ٻيڙ، حجاب ٿورَئي آ.

رجب: ٿورو ته ويهين ها ادي. ڪو مُلڪ جو واءُ سَواءُ ته ڏئين ها. تنهنجيون ڳالهيون مونکي ڏاڍيون وڻنديون آهن. خاص ڪري

تنهنجو لَهِجو.
مائي پانان: لَکَ قرب پاءُ. هڪ ضروري ڪَمُ آ. نہ تہ ويهان ها.
برقعو مٿي ۾ وجهي ويندي
مائي پانان: الله آباد رکندوَ.
رجب: آمين.
ڪيميرا رجب تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: ٽين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سعيد، اڪير، شميم، رجب
اڪرم (سعيد جو پيءُ)
سڪينہ (سعيد جي ماءُ)

ڪيميرا سعيد، شميم، رجب، اڪرم ۽ سڪينہ ڪي وچولي ڪلاس جي وڏي ڪمري ۾ ڪرسين تي وينل ڏيکاري ٿي. سعيد شميم سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو
سعيد: پلاپائو سارنگ جي ڪڏهن ٿا شادي ڪرايو؟
شميم: چوي ٿو يونيورسٽيءَ جي پڙهائيءَ مان فارغ ٿيان پوءِ.
سعيد: آخري سال اٿس نہ؟
شميم: ها.
سعيد: ۽ امتحان بہ شايد ويجها اٿس.
شميم: بلڪل.
سعيد: منهنجي صلاح اَٿَئو تہ امتحان ڏئي واندو ٿِئي تہ نوڪريءَ جو انتظار نہ ڪجوس، اَول شادي ڪرائجوس.
رجب: ايڏي جلدي ڇو، پلي نوڪري حاصل ڪري نہ.
سعيد: انڪري جو اڪير ڪانپوءِ اوهانجي خدمت ڪرڻ واري تہ گهَرَ ۾ اچي نہ.
شميم: نہ اَبا، تڪڙ جي ضرورت ناهي. بہ هَتَ، بہ پيرَ سلامت آهن. مُنهن ڏيو بينڊي آهيان.
سعيد: پوءِ بہ چاچي، هي اوهانجي ڪَتَ تي ويهڻ جا ڏينهن آهن.

بورچيخاني ۾ ڪم جا نہ.
انوقت اڪير ڪمري اندران شربت جو جڳ ۽ گلاس ٽِري ۾ ڪٽي اچي ٿي. جنهن کي ڏسندي سڪينہ چوي ٿي
سڪينہ: اَڙي امان، هيءَ تڪليف تو ڇو ڪئي. مان ڪاهي اچان ها نہ.
اُڪير ٽِري ٽيبل تي رکندي
اڪير: نہ امان، هيءَ خدمت منهنجو فرض آ. سو...
رجب: شاباس منهنجي عقل واري ڏيءُ. واقعي ۽ هي تنهنجو ئي فرض آ.
اڪير گلاسن ۾ شربت لاهي ٿي
اڪرم: ڏاڍي صدوري آ سائين. هي سڀ فرض ائين پئي نياڻي، جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. سَتاوڙي تان موتي تہ سڪينہ کي چيائين، امان اڄ کانوٽي تنهنجو بورچيخاني جو ڪَمُ ختم.
اڪير سيني اڳيان گلاس رکڻ لڳي ٿي
سڪينہ: (مرڪندي ۽ خوش ٿيندي) ان کانپوءِ سڄو ڪَمُ تہ پاڻَ پئي سنياليو، پر مونکان پوڇيءِ ٻُهاري ۽ ڇڏائي ڇڏي ٿئين ۽ اهي ۽ پاڻ ئي پئي ڪري.
شميم: (ناراضگي ظاهر ڪندي) شابس ٿَو. نئين ڪنوار آ. ڪجهہ ڏينهن تہ ترسايوس ها. هٿن تان ميندي لهڻ جو انتظار تہ ڪيوسِ ها.
اڪير خالي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي ۽ ڪجهہ پريشان ٿِئي ٿي
سعيد: پاڻ پئي ائين ڪري چاچي، اسان مان تہ ڪنهن ڪو نہ ڇيو ٿَسِ نہ.
ڪاوڙيل اکين سان اڪير ڏانهن ڏسندي
شميم: ڇا چوانسِ.
رجب: نَهِيو هاڻي. پنهنجو گهَرُ ٿَسِ. جيئن وَڻيسِ، تيئن ڪري. تون شربت پيءُ تہ هَلئون جلدي. (اڪير ڏانهن ڏسندي) تون ۽ گلاس ڪَڻ نہ امان.
اڪير شربت جو گلاس کڻي ٿي.

شميم: مان نہ پيئنديس. (گلاس رکندي) توهان پيئو.
اڪير: اَڙي امان پيءُ نہ. ڪَڻُ، ڪَڻُ گلاس.
شميم ڪاڙهِ گلاس ڪٽي پيئڻ لڳي ٿي. اڪير بہ پيئڻ لڳي ٿي.
رجب ٽڏو ساهُ پري ٿو. ڪيميرا رجب تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: چوٽين

وقت: رات
جاءِ: اڪير جو اباڻو گھر
ڪردار: رجب، شميم

ڪيميرا شميم کي سولو شاٽ ۾ ڪمري ۾ ظاهر ڪندي ۽ رجب سان ڳالهائيندي ڏيکاري ٿي
شميم: توکي ڪجھ چَوڻو هو، تہ گھَرِ اچي ڳالهائين ها، اتي سيني جي سامهون تہ مونکي ڏڻو نہ ڪرين ها.
رجب: مونتي ڪاوڙ ڪرڻ بجاءِ، ڪجھ پنهنجي هنيانوَ تي هَٿُ رکي سوچ، تہ توکي ائين ڳالهائڻو هُيو؟
شميم: ڇا غلط ڳالهايُمِ. نئين ڪنوار کان انهن کي ائين ڪَمُ ڪرائڻ جُڳائي؟
رجب: اِهو سڀ هوءَ پنهنجي خوشيءَ سان ڪري رهي آ. ڇو تہ اهو ٻيو نہ، پر هن جو پنهنجو ئي گھَرُ آ. جتي هن کي سڄي عمر گذارڻي آهي.
شميم: ائين گذارڻي آهي، ٻيلپو ڪري!
رجب: گھَرَ جو ڪَمُ ٻيلپو آ؟، هِتي جو ڪندي هُئي، تہ ان کي بہ اهو نانءُ ڏينديءَ؟
شميم: اسان هن جا پيءُ ماءُ آهيون. جڏهن تہ...
رجب: (وچ ۾ ڪٽيندي) اُهي ڏاريا ٿَس؟، سَسُ سهرو پيءُ ماءُ ناهي؟
شميم: سَنڊو آ، زمين آسمان جيڏو سَنڊو آ. خدمت واجب هن تي رڳو مڙس جي آ.
رجب: تہ اهي هن جا ڇا ٽِيَن؟، پيءُ ماءُ نہ. يعني نَنھُن ۽ ماسُ هِڪُ.

جي انهن ۾ فرق ڪندي، تہ ڇا مُڙسَ جي دل تي رهندي؟

شميم: ڇو نہ رهندي.

رجب: مونکي تنهنجي سوچَ تي افسوس ٿو ٿِئي، تمام گهڻو افسوس. نَريَلَ ڪيرَ کي ڦُوڪُون نہ ڏي. اڪير جيئن ڪري ٿي، ائين ئي ڪرڻ گهرجيس.

شميم: ٿوڪَ واري انداز ۾ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي ڪمري مان نڪرندي

شميم: هُنئہ، ائين ئي ڪرڻ گهُرجيس!

Cut

سين نمبر: پنجين

وقت: رات
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سعيد، اڪير

ڪيميرا سولو شاٽ ۾ سعيد کي اڪير سان ڳالهائيندي ڏيکاري ٿي.

سعيد: مونکي چاچيءَ جو ائين ري ايڪٽ ڪرڻ نه وڻيو.
اڪير: مونکي به سنو نه لڳو. پر امان کان مِڙَئي ڪڏهن ڪڏهن اهڙي سنهي ٽلهي يُلَ ٿي ويندي آ.
سعيد: ايا تون اسان هُجئون ها، ته ٻي ڳالهه هُئي، پر بابو ۽ امان موجود هُئا. انهن کي ڪيڏو ڏک ٿيو هوندو. ان جو اندازو ته ڪَر.
اڪير: بلڪل. انهن کي مان امان جي بدران سُاري ڪنديس.
سعيد: نه، جيڪا ٿي، چُٽي. ان سان ڪَڙيءَ بَڏَلُ قَتُ نئين سِر اُڪلندو. بس، چاچيءَ کي پنهنجي مُنهن سمجهائجانءِ، ته عُمر پَر جو ناتو آ، احتياط کري ۽ اَڳنان اهڙو ڪجهه نه ورجائي.
اڪير: سمجهائيندي مانس. تون فڪر نه ڪر پليز. ۽ جيڪا توکي به تڪليف پهتي آ، اها به دل مان ڪڍي ڇڏِ.
سعيد: نه، مونکي جهڙي پنهنجي ماءُ آ، تهڙي چاچي آ. مون لاءِ ته هيءَ ننڍڙي، ٻِنهين خسيس ڳالهه آ. پر امان ۽ بابي جَن اهو ڪيڏو محسوس ڪيو هوندو. اهو چگو نه ٿيو، خير.
اڪير: تنهنجي لاءِ ڪيرُ ڪٽي اچان؟
سعيد: ها، پر هلڪو گرم ڪيون اچجانءِ.
اڪير: جي.

اڪير ڪمري مان نڪرڻ لڳي ٿي. سعيد بيبڊ تي آهلجي ٿو. ڪيميرا سعيد تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: ڇهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: مائي ڀانان، شميم، رجب

ڪيميرا سولو شاٽ ۾ مائي ڀانان کي ڇانهه جي ڪوپ مان آخري ڏک پري، اهو ٽيبل تي رکندي فريم کولي ٽي، ته شميم ۽ رجب بہ هن جيان ڪرسين تي ويٺل نظر اچن ٿا. رجب مائي ڀانان سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو

رجب: وڏا داستان آهن تو وٽ ادي ڀانان ۽ ڳالهين ۾ تاثيرُ بہ ايڏو ٿئي، جو رڳو ويٺو توکي ٻُڌجي. پر مونکي ويڙهو آ ڀاڄي ونڻ. جيڪا انين ڏينهن يعني ڊيوٽيءَ کان موڪل تي ونندو آهيان.

مائي ڀانان: ڀلي ادا، مان بہ وڃان ٿي. ننڍڙو پوٽڙو نيڪُ ناهي. ان کي دوا لاءِ اسپتال ڪٽي ويڙهو آ.

رجب: اُٽڻ کان اڳ هڪ گذارش ڪيان ۽؟

مائي ڀانان: گذارش لفظ نہ چوندو ڪر ڀاءُ، مان شرمندي ٿيندي آهيان. چَئُ.

رجب: (شميم ڏانهن اشارو ڪندي) هِنَ مَتِ ماريل منهنجي زالَ کي سمجهاءِ، ته ڏيءُ پرٽائڻ کانپوءِ، ان کي حياتي پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ ڏئي. مداخلت نہ ڪري هن جي ۽ سندس ساهرن جي وچ ۾.

مائي ڀانان: ها، اِها ته تنهنجي ڳالهہ واجبي آ.

رجب: الائي ڇو سمجهہ موڪلائي وئي ٿُس. اُتي اڪير جي ڪم ڪارِ ڪرڻ تي اَرهي آ. جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ مناسب

ناهي. هر نياڻيءَ کي پرڻجي، ساهُرين گهَرِ وچي کَمُ ڪارِ ڪرڻ ته جُڳائي نہ، جو اهو ان جو ئي حقيقي گهَرُ هوندو آ.

مائي يانان: بروبر.

شميم: (مائي يانان سان مخاطب ٿيندي) نہ ادي، اهو منهنجي برداشت کان ٻاهر آ، ته نئين ڪنوار کي ميندي لَهَڻَ کان اڳ ۾، سڄي ساري گهَرَ جو ڪم ڪارِ بَڇي ڇڏجي.

رجب: کَمُ انهن کو نہ بَڇيو ٿَس مِنڙي، آپي مان نہ نِڪُرُ. اهو سڀ هن پنهنجي شوق سان هَڻَ ۾ ڪنيو آ. ڇوٽي وسارين اهو.

مائي يانان: ٻائو، تون ڇَڏِ اِنَ ٻَگالھ کي اِتي. مان سمجهايانس ٿي نہ.

رجب: ها، تڏهن ته چوانءِ ٿو ادي. تڏو ڪرينس. ٺيڪ آ.

مائي يانان: ٺيڪ آ ادا.

رجب اتان هلندو ٻاهر وچي ٿو ته مائي يانان خوشيءَ ۾ ٻهڪندي شميم کان پڇي ٿي

مائي يانان: ڏيءُ سان پنهنجي اها ناراضگي ظاهر ڪَيَئي نہ؟

شميم: نہ، ان کي ته سِڏو نہ ڇيم. پر شربت جو ناهي ڪٽي آئي، ته موقعو ڏسي سيني کي چئي ڏنم. ٻَگالھ نہ وَڙيَين. پر مان ڦهڪائي ڏني مانِ.

مائي يانان: ڇگو ڪَيُئي. او اِتان ئي معاملو ٺهندو ۽ اِنَ تنهنجي ڪِرِ ڪِرِ سان ئي اسانجي سڪيلڏي شهزادي پنهنجي نويڪلي گهَرَ ۾ راجُ ڪندي. تون اهو ڪانٽو ڇڪي رَکُ. سَوَ تي نہ، سئو ويهن تي.

شميم: هائو، مان ڪو ڏَرَ ڏيندي سانِ ڇا.

مائي يانان: ائين، بلڪل ائين ئي، وَڻُ نہ ڏِئين.

ڪيميرا مائي يانان جي چهري جي مخصوص تاثر تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: ستين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: اڪير، سڪينہ

ڪيميرا واشنگ مشين کي فو ڪس ڪري . جنهن ۾ ڪپڙا ڌاپجڻ لاءِ ڦري رهيا آهن. پوءِ فريم کُلي ٿو، تہ اڪير واشنگ مشين جي مٿان بينل نظر اچي ٿي. جنهن کان پريان آڳر تي هڪ ڪٽ تي سڪينہ وِهاٽي جي شَوَ تي پرٽ پري رهي آهي. ڪيس نظر جو چشمو پهريل آهي. هوءَ اوچتو نظر جو چشمو لاهي، اڪير ڌانهن ڏسندي ڪيس پاڻ ڌانهن سڏي ٿي

سڪينہ: امان اڪير، هيڏي تہ آءٌ ڏيءَ.

اڪير هن ڌانهن وڌي ٿي.

سڪينہ: اها ڪرسي سوري جهَڻَ کَنُ پرسان اچي ويهُ، تہ پنهنجي هڪ ڳالهہ ياد پئي آ، اها ٻڌايانءِ.

آڳر تي رکيل ڪرسي سوري ويجهو ايندي.

اڪير: جي آيس.

اڪير ڪرسيءَ تي ويهي ٿي.

سڪينہ: منهنجي شادي پئي ٿي. ونواهہ ۾ ويني هُيس، تہ امان هڪ بيحد ضروري ڳالهہ يا نصيحت سَمجهُ، ڪئي هُئي. جيڪا ياد آئي آ، تہ ٻڌائڻ توکي ضروري ٿي سمجهان.

اڪير: ٻڌاءِ امان.

سڪينہ: امان چيو هو تہ، منهنجيون هي ڳالهيون ڏيانَ سان ٻُڌ. جيڪي سُکي زندگي گذارڻ لاءِ تنهنجي رهنمائي ڪنديون.

خبر ٿئي ڪهڙيون ڳالهيون هُيون؟

اڪير: ڪهڙيون هُيون؟

سڪينہ: چيائين، جنهن سُکيي سَتابي گهَرَ ۾ ٽِن ڏينهن ڪانپوءِ تون پيرُ پائيندينءَ، اهو گڏيل خاندان وارو گهَرُ آ. پوءِ...

اڪير: پوءِ؟

سڪينہ: وراڻيم تہ هائو، اهو تہ تون رشتو طئي ٿيڻ ڪان اَوَلِ ٻڌايو هو.

پوءِ هن چيو هو تہ ٻئي گهَرَ ۾ وڃي ، توکي اتي نماڻائيءَ ۽ پيارَ سان پيش اچڻو پَوندو.

اڪير: واهَ، ان نصيحت مان اوهانجي امڙ جي سُلجهيلَ هُئڻ جي پروڙ پَوي ٿي.

سڪينہ: ۽ مڙس لاءِ نصيحت ڪندي چيائين، تہ ان جي خوهشن جو پورائو ڪندينءَ تہ، گهَرَ ۾ پَڻَ راڻي ٿي رهندينءَ. جنهن جي هٿن ۾ راجُ ۽ ياڳُ سدائين قائم رهندو آهي.

اڪير: بلڪل. ڏاڍي سمجهدار عورت هُئي.

سڪينہ: سو اها نصيحت تون بہ پنهنجي پَلَو ۾ ٻڌي ڇَڏِ. هاڻي وَڃُ پلي ۽ پنهنجو ڪم وڃي اُڪلاءِ.

اڪير: وڏي مهرباني امان.

اڪير اتان اٿي واشنگ مشين ڏانهن وڃڻ لڳي ٿي.

Cut

سين نمبر: اٺين

وقت: رات
جاءِ: سعيد جو گھر
ڪردار: سڪينہ، شميم، اڪرم

ڪيميرا سادي سيل فون جي گھنٽي ونندي ڏيکاري ٿي. جنھن ڏانھن ھل ھٽ وڌي اھا ڪٽي ٿو تہ، فريم ڪُلي ٿو. سڪينہ فون ڪٽي ڪن سان لڳائي ٿي. پريان اڪرم بيڊ تي ليٽيل نظر اچي ٿو. ٻئي پاسي شميم ڳالھائي ٿي

سڪينہ: هيلو.

شميم ؛ هيلو.

سڪينہ: ادي شميم، خوش آھين نہ، ادو رجب بہ نئو بنو آھي؟

شميم: ھا، سڀ خير آ. توھان بہ چاڪ چگا ڀلا؟

سڪينہ: ھا ھا ڀيٽ، دعائون ٿا ڪيون.

شميم: مونکي ھڪ ضروري ڳالھ توھان کي چَوڻي آ.

سڪينہ: چَئُ ادي.

شميم: گھَرَ ۾ نوڪرياڻي رکو ۽ منھنجي اُڪيرَ کان گھَرَ جو ڪَمُ بند ڪرايو.

سڪينہ: چا!؟

شميم: اھا منھنجي گذارش نہ، پر فيصلو آ. اٽل فيصلو.

سڪينہ: ڀيٽ، شاديءَ کان اول تہ اوھان اھڙو ڪو شرط نہ رکيو ھو. ٻيو اڪير اھو سيڪجھ پاڻ ٻئي ڪري.

شميم: ھوءَ اھو سيڪجھ خوشيءَ سان نہ ٻئي ڪري. شايد ڪنھن دباَو تحت ٻئي ڪري.

سڪينہ: اسانجو تہ ڪو بہ ڏهني ڏيءُ ڪونهيس. قسم سان.
شميم: مان اوهان کان قسم ڪو نہ پئي کڻايان. خدا جو ڏنو گنجُ ٿَو. نوڪرياڻيءَ جا پئسا ايڏا گهڻا نہ ٿيندوَ. جيڪي اوهانجي وَتَ وَڙَنَ کان مٿي هجن.
سڪينہ: مان ڪَمَ کان منع ڪيانس ٿي. باقي نوڪرياڻي رکڻ، نہ رکڻ جو مسئلو اسانجو آ. مان اڳي بہ ڳَڻَ وَيَڏَنا هَن هن گهَرَ سان. هاڻي بہ ٻانهن ۾ بَلُ آهي. مُنهُن ڏيندیس.
شميم: ٺيڪ آ.
شميم فريم مان آئوٽ ٿِئي ٿي، تہ اڪرم بيڊ تي اٿي ويهندي سڪينہ سان مخاطب ٿئي ٿو
اڪرم: ڇاتي چَوي ادي شميم، گهَرَ ۾ نوڪرياڻي رَکو، اڪير کان ڪَمُ نہ ڪرايو گهَرَ جو؟
سڪينہ: ها، هروپرو پنهنجي ٽي هَلائي. اڪير گهَرَ کي پنهنجو ڪَيون بيٺي آ، پر هن کي الائي ڪهڙي پئونري آ، جيڪا سُڪون جي ننڊ ڪرڻ نٿي ڏِئيس.
اڪرم: عجيب عورت آ. اجايو سجايو پئي رڌڻي ۾ رولو وِجهي. مان پائو رجب سان ڳالهايان ٿو. اهو پاڻَ ڏَڏِڪَرَ ڪيندس، تہ مَغزُ جاءِ ٿيندس. ائين پاڻ هُرتِڙِي نہ ٿيندي.
سڪينہ: (طنزيہ انداز ۾) هائو، جو ان ويچاري ماسترڻي جي چَوَڻَ ۾ هوندي. خود خيال ٽي لڳي. اونڌي سَنئين شايد پاڻَ ئي ڪندي هوندي. هي بہ انهي کان پُڇَڻَ ڪانسواءِ ئي چيو هوندائين.
اڪرم: تہ ڏِسَئون ٿا انهي جو ڪو ٻيو دڳ.
سڪينہ: ڪوئي دڳ ناهي ڏسڻو. بس، اڪير کان ڪَم بند ٽي ڪرايان گهَرَ جو. سڀ پاڻَ ڪنديَس ۽ هن جهڙي ٽي پُٽَ جو ڪيرُ نہ ڪاريندیس.
اڪرم: چگو ٻلا، جيئن توکي سُنو لڳي.
ڪيميرا اڪرم تي رهي ٽي. جيڪو بيڊ تي سمهندي اطمينان جو تاثر ڏئي ٿو.

Cut

سين نمبر: نائين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سعيد، اڪير

ڪيميرا سعيد کي هڪ ننڍڙو ٽيلهو هٿن ۾ ڪٽي پنهنجي بيڊ روم ۾ ايندي ڏيکاري ٿي. هو ٽيلهو هڪ ٽيبل تي رکي ٿو ته اڪير چويس ٿي

اڪير: اڄ سائينءَ جن کان اڇا سان سلم وسري ويو. الائي ڇو؟

سعيد: (ڏک ۽ ڪاوڙ ۾) چاچي اسانکان سموري خوشگواريءَ جا پَلَ کَسِڻُ ٿي چاهي. خبر ناهي، ڇا رِٽيو ٿَئين مَنَ ۾.

اڪير: (حيرانگيءَ مان) ڇا ٿيو آ؟

سعيد: رات امان کي فون ڪري چيو ٿئين، ته اڪير کان گهر جو ڪم ڪار نه ڪرايو.

اڪير: (افسوس مان) اوهه!

سعيد: امان کي شديد صدمو رسيو آ. ڪاليج ۾ فون ڪري اهو ٻڌايائين، ته سڈڪا روکي نه سگهي. مشڪل سان کيس نارمل ڪيم.

اڪير: امان کي قطعي به ائين نه ڪرڻ گهرجي ها. اسان گهَرَ ۾ ڪير ڪنڊ آهيون. هوءَ چوٽي ائين ڪري، اسان جي خوشين ۾ ڦيٽهڙو وجهي.

سعيد: شايد مائٽي ڪرڻ ڪانپوءِ پڇتائي پئي، تڏهن ٽي ائين ڪري. نه ته اسان کي خوش ڏسي ته، هن جي خوشي ٻيڻي ٽيڻ گهرجي.

اڪير: ها، ائين ئي هجڻ ڪپي، پر...

سعيد: پر هوءَ ائين نہ ڪري، جنهن رستي تي هلي ٿي، ان مان سئو سيڪڙو محسوس ٿو ٿِئي، تہ هن جا ارادا نيڪ نہ آهن. هيءَ ڳالهہ بہ امان کي چَوڻَ بجاءِ سِڌي مونکي ڪري ها نہ. ان کي چو ڏکوئِيين.

اڪير: تنهنجي بجاءِ بہ، مونکي فون ڪري چوي ها تہ، سمجهايانس ها. جيڪا نَنهن سان ڇِڄي، ان ۾ ڪاتي ناهي وجهبي. چاچيءَ کي اجايو تڪليف پهچايائين. مان ڪيانس ٿي فون. تون ٿورو ٽڏو ٿيءُ. اهو مونتي ڇڏ. چاچيءَ جي دل مان بہ ڪِيان ٿي ڏک.

سعيد: نيڪ آ ڳالهائينس. وري جيئن اهڙو اَنا جو اٹ اسانجي گهَرَ ۾ پيرُ نہ پائي.

اڪير: هن کان اڳ بابا ساب ٿي ڳالهايان. جيڪو اهڙي ائبنارملتيءَ مان ڪِيِيس. پوءِ ٿي سِڌو چئي، ڪُولِ مائينڊ ڪيانس ۽ ان ڳالهہ تي بہ راضي ڪيانس، تہ چاچيءَ کان پاڻ اچي اِهو رنجُ دل مان ڪِيي.

سعيد: چگّو، پر پنهنجي مُنهن سان وجي ڳالهائين. متان وري ڪجهہ ٻيو بہ ٻڌي مان وڌيڪ نہ ڏکوئجان.

اڪير: صحيح آ.

اڪير ٻيڊ تان سمارٹ فون کڻي ، ڪجهہ قدم ڪڻي ٻاهر وڃڻ لڳي ٿي. ڪيميرا اڪير تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: ڏهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: رجب، شميم، سارنگ

ڪيميرا سانگ ڪي ٽيلهو هڻ ۾ ڪنيل گهر جو ٻاهريون دروازو ڪڙڪائيندي ڏيکاري ٿي. شميم آڳر تان هلندي در تي پهچي پڇي ٿي
شميم: ڪير؟
ٻاهران جواب ڏيندي
سارنگ: مان آهيان امان.
شميم دروازو کولي ٿي. تہ سارنگ اندر ايندي شميم کي پيرين پوندي ملي ٿو
سارنگ: امان، سڀ خير، بابا سائينءَ ۽ تنهنجي طبيعت نيڪ؟
شميم: ها، مالڪ جي سڃائي آ. پر تو اڇڻ جو ٻڌايو ڪونہ فون تي.
اندرئين ڪمري ڏانهن ايندي
سارنگ: بس، اوهان جي سِڪَ اوچتو ستايو تہ چيم، نٿو ٻڌايان ۽ نڪري پيم.
شميم: پلو ڪَيُئي جو آئين. مونکي پڻ تنهنجي ڏاڍي سِڪَ لڳي هئي.
ڪمري اندر اچي ٿو. جتي رجب اخبار پڙهي رهيو آهي
سارنگ: اسلام عليڪم بابا سائين.
اخبار تان نظرون هٽائي سارنگ ڏانهن ڏسي خوش ٿي اٿندي
رجب: وعليڪم سلام.
ٽيلهو بيڊ تي رکي رجب ڏانهن اچي ساڻس پيرين پئي ملندي

سارنگ: بابا سائين، چاڪ چڱا ٻلا.
رجب: بلڪل بابا. تون بہ پڙھائي چالو. امتحان ويجھا اٿئي نہ؟
سارنگ: ها، هفتو سوا آهي.
رجب ڪرسيءَ ڏانھن اشارو ڪندي
رجب: ويھُ. ٽڪجي پيو هوندين.
سارنگ: نہ، هيڏي ايندي نہ ٽڪبو آهيان. جو اوھان جي سارَ سارُ هوندي آ. باقي ويندي صفا چُور ٿي پوندو آهيان.
شميم: بابلا، چانھ ناهي اچانءِ يا ٽڏو پيئندين؟
سارنگ: ٽڏي جو گلاس ڪَنُ. پر اڄ ٻہ تون ويھُ تہ امان، ڪھڙي تَڪڙ آ
شميم: نہ ڪٽي ٿي اچان. پوءِ ٿي اچي ويھان.
شميم ڪمري مان وڃي ٿي تہ، سارنگ رجب سان مخاطب ٿئي ٿو
سارنگ: اڪير ڪيئن آ؟
رجب: صحيح آ.
سارنگ: ڪجھ ڏينھن اڄ ٻہ خير خيريت پڇي هئي مانس ءِ ٻڌايو هومانس تہ، جلد ايندس ءِ توڏانھن بہ ايندس. سعيد بہ ھڪ دفعو فون ڪري امتحان بابت پڇيو هو.
رجب: يارَ، هي اڇڪلھ تنھنجي ماءُ جو مٿو ڏاڍو خراب ٿي ويو آ. اڪير اتي ايڊجسٽ ڪري وئي آ. پر هيءَ هرو ڀرو هن جي ساهرن سان اٽڪاءُ لايون بيٺي آ، تہ گھر جو ڪم ڪار نہ ڪرايوس.
سارنگ: نہ اهو تہ مناسب ناهي.
شميم ٽڏي جو گلاس آڻيندي
شميم: ڇا مناسب ناهي؟
سارنگ گلاس ونڊندي
سارنگ: بابا سائين ٻڌائي ٿو تہ، اڪير جي ساهرن سان تون صحيح ورتاءُ نہ پئي ڪرين.
شميم: پڙھين کان سمجھ موڪلائي وئي آ. مان تہ سڳ ڪرڻ ئي نہ پئي چاهيو ان گھر ٻہ. پر پڙھين ڪيو تہ ڪٽي ڏھيو ڪيم، ھاڻي

انهي جو مقصد اهو تہ ڪونهي نہ، تہ سڄي گهر جي ڪم ۾ هوءَ ئي ڏور وانگر ڇَهي. سَسُ صحتمند ٿَس. ڪَڪُ ڀيڄي ڀيٽو نہ ٿي ڪري. لَتَ تي لَتَ رکيون ويني آ.

سارنگ: ان ڪم مڙهيو ٿَس ڇا؟

رجب: نہ بابا، هوءَ پنهنجي دِلِيَئُون، سَسُ سهري کي ابو امان سمجهي ٿي ڪري. جيڪو ڪنهن سياڻي ڇوڪريءَ جو ئي وَڻُڻ آ. پر هيءَ مداخلت ٿي ڪرين، تہ هوءَ ڪم نہ ڪندي ۽ نوڪرياڻي رکي ڏيوس. ٽيون ڏينهن روئي فون ڪري هن کي چيائين، تہ انهي ڇالهہ تان لهي وڃ. مونکي پنهنجي خوشيءَ ۾ خوش رهڻ ڏي. ساڳي ڇالهہ مونسان بہ ڪيائين. سمجهايومانس. پر ضد تان لهي ئي نٿي.

سارنگ: امان، تون ائين ڇو ٿي ڪرين؟ هن کي مزي سان پنهنجي زندگي گذارڻ ڏي نہ.

شميم: تون بہ پيءُ جو پاسو. ڇا مان نازن سان اڪير کي ان لاءِ پاليو هو؟ منهنجو هنيانءُ ٿو ڪڍهي. توهان مونکي سمجهو ڇونٿا.

سارنگ: هوءَ ان ۾ خوش آ، تہ توکي بہ خوش رهڻ کپي نہ. هِتي جو ڪم ڪندي هئي تہ...

شميم: (وچ ۾ ڪٽيندي) هِتئون جي ٻي ڇالهہ هئي. (ڪاوڙ ۾) پر اتي مان اهو برداشت نہ ڪنديس. ڪڏهن بہ نہ ڪنديس. سمجهيَو.

شميم غصي ۾ ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ لڳي ٿي. ڪيميرا شميم تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: يارهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: مائي پانان، شميم

ڪيميرا سولو شاٽ ۾ مائي پانان کي فوڪس ڪري ٿي. جيڪا شميم سان ڳالهائي ٿي
مائي پانان: نڪتو ڪو ڪڙتيل؟
شميم: نہ ادي، اڪير کي منهنجي چڱائي سمجهه ۾ ئي نہ ٿي اچي. هن جي نظر گوڏي تائين آ. ڏگهو ڪو نہ پئي ڏسي. افسوس اهو آ، تہ منهنجي رد عمل کي غلط چئي، مون سان تہ واويلا ڪئي ڏئين، پر پيءُ کي بہ منهنجي خلاف مچرايو ڏئين.
مائي پانان: (افسوس مان) الا!
شميم: اَئون.
مائي پانان: هاڻي ڳالهه کي وَکَڙ ڏئي وَڻُ.
شميم: ڪيئن؟
مائي پانان: ادو رجب ۽ سارنگ شهر مان پنهنجيون ڏريسون ونڻي موٽن تہ، سارنگ کي اڪير جي گهر موڪلي ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ گهراءِ. ۽پوءِ آرام سان ۽ بلڪل ئي آسانيءَ سان سندس مغز ۾ پنهنجي ڳالهه فِٽ ڪر.
شميم: ها، اها تنهنجي لک جي صلاح.
مائي پانان: پوءِ سيڪجهه پاڻ ئي ڪندي. تون چُپڙي ڪري ڪري ويهي تماشو ڏسجانءِ. مڙس هٿ ۾ اٽس نہ، زبان مان لفظ ڪيڏندي، تہ اهو اِهو سيڪجهه اک چنپ ۾ ڪندو ۽ هوءَ بنا

سَسُ سهري جي پنهنجي گهر
۾ اڪيلي ويهي موجون ڪندي.
شميم: واهَ جي ڳوٺَ ۾ڳي ٿَئي. ائين ئي، بلڪل ائين ئي ڪنديس ۾
تنهنجي وات ۾ گلاب، پوءِ اڪير بہ ايندي پيرَ تي ۾ جيڪا رِتَ
ڏئين ٿي، اونئن ئي ٿيندو.
مائي پانان: تَڏِي، مان ڪو غلط ٿوروئي ٿي چَوان.

Cut

سين نمبر: ٻارهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: سارنگ، شميم

ڪيميرا سارنگ کي سولو شاٽ ۾ ڪو ڪتاب پڙهندي ڏيکاري ٿي. فريم کلي ٿو ته شميم ڪمري جي دروازي مان اندر اچي ٿي
شميم: سارنگ پُٽ!
ڪتاب تان نظرون هٽائي شميم ڏانهن ڏسندي
سارنگ: جي امان.
شميم: پُٽ، مونکي لڳُن ۾ ڏاڍي پاجوڙ ٿي محسوس ٿئي. سور جون ٻه ٽڪيون کائي چڪي آهيان. پر پئسي جيتري به فرحت نه ٿي آ.
سارنگ تکڙ ۾ ڪرسيءَ تان اٿندي.
سارنگ: ڪنهن ڊاڪٽر ڏي ڏا هلئون. هونئن به ڪا سنهي ٽلهي تڪليف ٿئي ته پاڻ ڊاڪٽر بڻجي، ٽِڪيون نه کائجن. اوڏيءَ مهل ئي ڊاڪٽر وٽ پهچجي.
شميم: شام تائين ڏسان ٿي، نه ٿي طبيعت بهتر ته، پوءِ ضرور هلنداسين.
سارنگ: نه، اهو غلط آ. پِيريءَ ۾ ته پَلُ به ضايع نه ڪجي.
شميم: چڱو، شام جو هلنداسي. هن مهل وڃي ٿورو آرام ٿي ڪيان. اسان وارو ڊاڪٽر به ته شام جو ئي ايندو نه.
سارنگ: ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر ڏي ڏا هلون.
شميم: نه نه، هن کي پڙهين ۽ منهنجي طبيعت جي خبر آهي. ٻيو ڪو اهڙو تهڙو علاج ڏئي وجهي ته، ڏَڇي ۾ ايندا سين. شام ڀي پري

ناهي.

سارنگ: ها، اهو تون بلڪل ٺيڪ ٿي چوين. تہ، تيستائين وڃي آرام ڪر نہ. ائون منجهند جي مانيءَ جو فڪر نہ ڪجانءِ. مان، اها هوٽل تان ونڊي ايندس.

شميم: پلي. پر، منهنجي ميجين تہ ان وچ ۾ اڪير ڏي وڃ.

سارنگ: (حيرت ۾ پوندي) اڪير ڏي. ڇو؟!

شميم: بن چئن ڏينهن لاءِ ونڊي اچينس. سِڪَ لڳي آ. شايد انڪري طبيعت ۾ گَڙِ بَڙِ ٿي آ. جو سڄو ڏينهن ان بابت ئي پئي ٿي سوچيان. ٻيو اڳ ڪڏهن ايڏو عرصو پري ٻہ تہ نہ رهي آهيانس نہ.

سارنگ: جيئن چَوين. وڃانس ٿو.

شميم: پر پيءُ کي نہ ٻڌائجانءِ. متان اهو ان جو ڪو الٽو سلٽو مقصد نہ سمجهي.

سارنگ: نٿو ٻڌايانس. مگر هن جي ساهرن کان تہ موڪل ونڊي پوندي نہ سندس.

شميم: ڇا جي موڪل. بس، ٻڌائجانِ، تہ امان ڇاڪُ ناهي. ٻہ چار ڏينهن ونڊي ٿو وڃانس.

سارنگ: صحيح آ. وڃان ٿو هاڻي ئي رڪشا تي. هوٽل جي مانڊي اڪير کي هتي ڇڏي، پوءِ ئي ٿو ونڊي اچان.

شميم: ها، ائين ئي ڪَرِ.

سارنگ ڪمري مان نڪرڻ لڳي ٿو. ڪيميرا شميم جي معنيٰ خيز مرڪ تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: تيرهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سارنگ، اڪير
ڪيميرا اڪير جي سندس ڪمري ۾ سولو شاٽ سان سين جي شروعات ڪري ٿي. هوءَ سارنگ کي چوي ٿي
اڪير: ائين ڪيئن هلنديس. پهريان سس سهري ءِ پوءِ سعيد کان به موڪل وٺ نه.
سارنگ: پنهنجائپ ۾ اهو ضروري آ ڇا. بس، چَوانِ ٿو ته امان جي طبيعت ٺيڪ ڪونهي. وڃي ٿو وجانس.
اڪير: نه، موڪل وٺڻ لازمي آ. پهريان سس سهري کان ءِ پوءِ سعيد کان. نه ته هو ناراض ٿيندو مونتي.
سارنگ: ٺيڪ آ. هنن کان ته وڃان ٿو موڪل. پر سعيد ڪهڙي مهل ايندو؟
اڪير: ڪاليج جو ٽائيم به اٽس. ايائي تائين اچي ويندو.
سارنگ: ان ۾ گهٽي ليٽ ٿيندي. پلا فون تي ڳالهايانس؟
اڪير: پلي.
سارنگ ڪيسي مان سمارٽ فون ڪڍي ٿو.
اڪير: تون ڳالهائيس. تيستائين، مان ٻاهران تارَ تي سُڪڻ لاءِ رکيل ڪپڑا کڻي اچان.
سارنگ: کڻي آ.
اڪير وڃڻ لڳي ٿي. سارنگ فون سِڌي ڪري نمبر ملائڻ جي ڪري ٿو.

Cut

سين نمبر: چوڏهين

وقت: ڏينهن
ڪردار: شميم، اڪير، سارنگ، رجب

ڪيميرا شميم جي سولو شاٽ سان سين جي شروعات ڪري ٿي. شميم ڪاوڙ ۾ سارنگ سان مخاطب ٿيندي
شميم: ڇو موڪل گهُرِيَنيِ؟ بس ٻڌائين ها نہ، ته امان جي طبيعت ٺيڪ ڪونهي. اڪير کي وٺڻ آيو آهيان.
سارنگ: اِهو اڪير چيو ۽ سنو ٿيو جو چيائين. هونئن به ان ۾ خرابي ڪهڙي آ امان، جو تون ڪاوڙجين ٿي.
شميم: ڪاوڙ نہ لڳي. ڏيءُ قيدياٽي ڪري ته ڪو نہ ڏني ڏَسي نہ ان گهر ۾. جو لُولهڻَ ڪري موڪل وَڻَئُونِ.
سارنگ: اهي لُولهڻَ هِن؟ هڙو پرو تون آپي مان ڇوٽي نڪرين. اڳيئي طبيعت صحيح نہ ٿي امان.
شميم: امان جا سَڪا. توکي جهَلِيُمِ به ته، نہ مُڙئين.
اڪير: ڏڏي ٿي امان. اهي اسانجا روايتي مهذب قدر آهن. انڪري پائوءَ کي چيم ته سس سهري ۽ سعيد کان به موڪل وٺي. جنهن سان فون تي ڳالهايائين، ته ان چيس ته، جيستائين چاچيءَ جي طبيعت صحيح ٿئي، تيستائين پلي مان هِتي هُجان.
رجب: مونکي اجازت آهي، ته توسان ٿورو ڳالهايان؟
شميم: هاڇَئُ، ڇَئُ. هِنن سان گڏ ڇَئُ تون به مونکي غلط. ڇو ته مان چري ٿي وئي آهيان. عقل موڪلائي ويو آ نہ مون کان.
رجب: الله، ڇا ڇئجي توکي. (سارنگ ڏانهن مُنهن ڪندي) پٽ سارنگ، تون وٺي وڃينس ٻئي ڪمري ۾ ۽ پاٽيءَ جو گلاس

پيئاري ڪيڊينس هن غصي واري ڪيفيت مان.اسان پيءُ ڏيءُ جي وَسَ کان زور آ بابا، صفا زور.

سارنگ: امان، تون اڃُ مون سان، هڪڙو منٽ.اڃ، اڃ نہ. (ٻانهون ٻڌندي) هي مان ٻانهون ٿو ٻڌانءِ.

شميم: (انتهائي غصي ۾ ايندي) نہ بَڌمونکي ٻانهون. هلان ٿي.

شميم ڪاوڙ ۾ ڪمري مان نڪرڻ لڳي ٿي ۽ سارنگ بہ نڪرڻ لڳي ٿو تہ رجب سارنگ کي چوي ٿو

رجب: اڏ ڪلاڪ کان پوءِ ڊاڪٽر بہ اچي ويندو. اتان ئي اوڏانهن وڃي ويجينس.

سارنگ: جي بابا سائين.

سارنگ جي نڪرڻ بعد

رجب: مونکي عجب آ، تہ هي هِنَ کي ٿي ڇا ويو آ!

اڪير: منهنجي خيال ۾، ان ڏينهن مونکي ساهراٽي گهر ۾ ڪم ڪندي ڏٺائين نہ ۽ بنا لحاظ جي انهن کي چَئي بہ ڏنائين. شايد اتان ٻڪِڙي آ.

رجب: ها، ائين ئي آ.پر تون ائي آن، تہ سمجهائيس اسان جي غير موجودگيءَ ۾. تمام هيناهين وڃي. نہ تہ ڪو ذهني مرض نہ ٻِرائي ويهي. ڏاڍو پَئُ ٿو ٿِئي.

اڪير: مونکي پاڻ اهوئي خطرو آ. تون صحيح ٿو چوين بابا، اڪيلائيءَ ۾ سمجهايانس ٿو. هونئن بہ سمجهاٽي اڪيلائيءَ ۾ ئي ڏيڻ ڪپي. تڏهن ئي نتيجو چڱو نڪرندو.نہ تہ، نہ.

رجب: اوهِا ڳالهہ. بلڪل ائين ئي. پر ٿوروبہ غصو ڪري تہ، چڏي ڏئينس. وري گهڙي ڪن ڪانپوءِ ٿوري مهل ترسي ساڳي طرح سمجهائيس.

اڪير: ها بابا، تون فڪر نہ ڪَرِ. ڏَرِنَ اهائي وڃندیس.

رجب: شاباس امان کي.

ڪيميرا رجب جي چهري تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: پندرهين

وقت: رات
جاءِ: اڪير جو اباڻو گھر
ڪردار: اڪير، سعيد

ڪيميرا رنگ وڃندڙ سمارٽ فون کي فوڪس ڪري ٿي. فريم ڪلي ٿو. بستري تي ستل اڪير هٿ وڌائي ننڍڙي ٽيبل تان فون سيٽ ڪٽي ٿي ۽ ڪولي ڳالهائي ٿي
اڪير: هيلو
ٻئي پاسي سمارٽ فون تي سعيد ڳالهائي ٿو
سعيد: هيلو، راڻي ڪيئن آهين؟
اڪير: خوش آهيان. فسڪلاس. تون ٻڌاءِ؟
سعيد: مان خوش ناهيان.
اڪير: ڇو؟
سعيد: توکان سواءِ ڏاڍي بيچيني آ. ننڍ اکين کان موڪلائي وئي آ. ٻه سئو ڀيرا ڪوشش ڪئي ٿَمِ، پر هر وقت تنهنجي ڪَميءَ جي محسوسات، اکين ۾ جھڙو ڪر ڪا نوڪدار شيءِ چُڀائي، اهي هڪدم ڪولي تڙپ کي وڌائي رهي آهي.
اڪير: جاني، اهڙي ڳالھ ڪري اڌ رات جو مونکي تہ پريشان نہ ڪر نہ. تنهنجي اهڙي ڪيفيت منهنجي آڏو هوندي تہ ٻڌاءِ، مونکي ڀلا ايندي ننڍ؟!
سعيد: دل جو سور توسان بَيانُ نہ ڪيان، تہ ڪنهن سان ڪيان. آهي ڪنهن ٻئي وٽ ان جو درمانُ!؟
اڪير: مان سمجھان ٿي. پر ڇا ڪجي. مجبوري آ نہ. امان جي

طبيعت صحيح ڪونهي. شامَ پائو سارنگ ڊاڪٽر ڏي ونڻي ويو هُيس.

سعيد: پوءِ، چا چيو ڊاڪٽر؟

اڪير: ٻڌايائين تہ، بلڊ پريشر تشويشناڪ حد تائين وڌيل اٿس. دوا ڏني اٿائينس ۽ تاڪيد ڪيو اٿائينس تہ، گھٽو سوچڻ ۽ ڪنهن ڳالھ سبب پريشان ٿيڻ کان احتياط ڪري.

سعيد: چاچي گھٽي جذباتي آهي ۽ هر جذباتي ماڻھو بلڊ پريشر کانپوءِ ٻين مرضن ۾ بہ ضرور ونبو آ. انڪري تون گھٽي کان گھٽو سمجھائينس.

اڪير: مان چا، بابا ۽ پائو سارنگ بہ وسان نہ ٿا گھٽائن. پر سُئي اتي جو اتي بيٺل آ. ھاڻي من دوائون ڪو فرق ڏيکارنِ. هر وقت مالڪ کان اهائي دعا پئي ٿي گھُران.

سعيد :الله ڪندو تہ ضرور فرق ڏيکاريندیون.

اڪير: آمين.

سعيد: جيستائين اِتي آن. ڪلاڪ ٻن کانپوءِ فونِ تہ ڪندي ڪَرِ نہ. جيئن جدائيءَ جي ٻرندڙ باھِ تي ڪو ڇنڊو پاڻيءَ جو پوندو رهي.

اڪير: حاضر. اڄ بس امان جي ئي وٽ پڪڙ ۾ وقت گذري ويو. انڪري نہ ڪري سگھيس. جنهن لاءِ معذرت.

سعيد: ائين ڇئي مونکي ننڍو نہ ڪَرِ.خير آ. اِتِس اوڪي.

اڪير: ٻُڌ؟

سعيد: جي.

اڪير: سياڻي تون، امان ۽ بابا، اچو نہ امڙ کان پُڇَڻَ.

سعيد: ها، ضرور ايندا سين شامَ جو. بلڪل.

اڪير: ھاڻي آرام ڪر نہ پليز. رات اڏ کان گھٽو سفر ڪري اڳتي وڌي آ. ڏاھو ٿي، چَوڻ ونڻي اکيون ٻُوٽِ.

سعيد: (ٿڏو ساھ ڀريندي) تنھنجي تصوير اکين جي آئيني ۾ رکي ڪيان ٿو ڪوشش.

اڪير: الله حافظ.

سعيد: الله حافظ.

سعيد فريم مان آئوٽ ٿئي ٿو تہ اڪير فون سيٽ هٿ وڏائي ٽيبل تي رکي ٿي.

Cut

سين نمبر: سورهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: اڪير، شميم، رجب،
سارنگ، اڪرم، سعيد، سڪينہ

ڪيميرا اڪير جي سولو شاٽ سان منظر ظاهر ڪري ٿي. جنهن ۾ شميم، رجب، سارنگ، اڪرم، سعيد ۽ سڪينہ وينل نظر اچن ٿا. اڪير شميم کي چوي ٿي

اڪير: اها بيواجبي آ. مونکي منهنجي گهر ۾ پنهنجي مرضيءَ سان رهڻ ڏي امان. جڏهن مان ئي گهر ۾، نوڪياڻيءَ جي طلب نہ ٿي ڪريان، تہ تون ان ضد جو پورائو ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿي ڪرين؟

شميم: مان هِنَن سان آهيان. تون وچ ۾ نہ ٻُالهاءِ چوڪري.

رجب: ڪجهہ هوش ڪر شميم. هي تنهنجي عيادت لاءِ آيا آهن. ساڻن اهو اڌنگو مطالبو ڪري چو ٿي تِکي مِٺي ٿئين.

شميم: توهان سڀ سمجهو چو نٿا. منهنجي بيماريءَ جو سبب ئي اها ٻُالهہ آهي.

اڪير: اجائي ٻُالهہ. خواه مخواه جو ڪَٽِراڳُ ۽ بي سبب بيماريءَ کي سڏي پنهنجي وجود ۾ رهائڻ.

سارنگ: صحيح ٿي چَوَئي امان. نوڪرياڻي رکن، نہ رکن، اهو هنن جي پنهنجي گهَرَ جو ٻِنهين اندروني معاملو آ. تو اسان کي ان ۾ مداخلت نہ ٿي سُونهين.

شميم: (ٽوڪ واري انداز ۾) هاڻي تون بہ لهي آئين خوشامد تي.

سارنگ: حَقَ جي ڀَالھ کي ابتو رنگ نہ ڏي امان. هيءَ خوشامد ناهي. تو ڏيءُ ڏني، جانِ ڇُٽي. هاڻي وينِي خيرَ جي دعا گھُرُ، تہ ان گھَرَ کي ڪنھن جي نظر نہ لڳي. ٻيو، جي منھنجي شادي ٿِئي ۽ منھنجا ساھرا ٻہ توکان اھڙو مطالبو ڪَن، تہ ڪندينءَ اِئين؟

شميم: (شديد غصي ۾) ھا ڪنديس، ڪنديس. توھان زالَ مڙس کي پنھنجي زندگي گذارڻ لاءِ آزاد ڇڏيندیس ۽ اسان زال مڙس توھان کان پري ٿي، نوڪَرَ رکي حياتيءَ جا آخري ڏينھن پورا ڪنداسين، ڏسجانءِ.

سعيد: (افسوس مان)تہ معنيٰ مان بابي ۽ امان کي ڇڏي ڏيان؟!

شميم: ڇڏڻا پَوندئي ۽ اکير کي نِويڪلي گھَرَ ۾ ئي رھائڻو پَوندئي. پوءِ پلي جي اکير نوڪرياڻي نہ ٿي رکي، تہ پلي نہ رکي. ڳھي پاڻَ.

اکرم: عجيب مطالبو آ.

سڪينہ: توبھ، پٽ ان لاءِ ڇڻيوسي، تہ اسانکي ڪڍي گھر مان.

سعيد: (اڻندي) اڻو تہ ھلون. جڏھن چاچيءَ جو مغز جاءِ ٽيو، تہ ايندا سين ھتي. پلي اُکير ٻہ سدائين لاءِ وينِي ھجي اِتي.

اکير: (اڻندي) نہ، مان ٻہ ھلنديس توھان سان. ترسو تہ ڪٽي اچان ٽيلھو ۽ وري ڪڏھن ٻہ نہ ايندیس ھن گھَرَ ۾.

شميم: (اڻندي) جي تو ائين ڪيو نہ، تہ مان ھاڻي جو ھاڻي زھر کائي پاڻ کي پورو ڪنديس ۽ ھِنن کي چونديس تہ، مُنھن ڏيکارڻ لاءِ ٻہ توکي اچڻ نہ ڏِيَن، ھا.

اکير ھڪ ھنڌ جمي وڃي ٽي

سعيد: نہ ھل تون اسان سان، ترس. اِنَ تي جو ڪٽندي پنھنجو سِرُ، تہ اھو سُنو تہ نہ لڳندو نہ. زمانو چا چَوندو.

سعيد اکرم ۽ سڪينہ ڏانھن مُنھن ڪندي

سعيد: اچو توھان، اچو.

سعيد، سڪينہ ۽ اکرم گھر مان نڪرڻ لڳن ٿا

رجب: ٻيھو بابا، نہ وڃو.

شميم: (انتهائي غصي ۾) وڃڻ ڏئين، وڃڻ ڏِئين.
ڪيميرا شميم جي ڪاوڙيل چهري تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: سترهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سڪينہ، اڪرم، مائي پانان

ڪيميرا مائي پانان جي سولو شاٽ کان سين جو آغاز ڪري ٿي. جيڪا گهر جي ڪمري ۾ ويٺل سڪينہ سان مخاطب آهي. اڪرم به ويٺل آهي

مائي پانان: مونکي خبر هجي ها تہ، شميم اهڙي شُوم عورت آهي، جيڪا پنهنجي پيٽَ جَٽيءَ جو گهر تباهہُ ڪندي، تہ پلجي ب توهان جي وَسَن جهڙي ۾ املهہ ماڻڪ پٽ جو رشتو اِتي ڪرايان ئي نہ ها.

سڪينہ: بس، مقدر جي ڳالهہ آ مائي پانان. چا ڪجي، اٽڪڻو جو هو پَلَئُہ اهڙي خود غرض زائفان سان، ڪيئن پئي بچي سگهياسين.

اڪرم: اڪير تہ هن جهڙي ڪونهي، پر ٿي جو پَئي ٿَسِ ماءُ، جيڪا حڪم نہ مڃڻ تي زهر کائڻ جي ڏمڪي ٿي ڏئيس، تہ ويچاري ٻن باهين ۾ ڦاٿي نہ. چگو ڪيو سعيد جو اهڙي وقت ۾ درست فيصلو ڪري هن جي چاهڻ باوجود کيس نہ ونڻي آيو.

مائي پانان: ياءُ اڪرم، اهو سپ هَتَ جو کيل آ. سچ اهو آ تہ، ٻئي ماءُ ڏيءُ ڏاڍيون چالاڪڙيون آهن. سعيد پُٽڑو سادو آ. سمجهي نہ سگهيو هنن جي چالِ کي. هو ڪامياب ٿِيون. اڪير ب سَنمُک ٿي مڙس سان. نہ تہ، جي سئو فيصد سچي هجي ها نہ هن سان، تہ ماڻس زهر نہ کائي، اڪوئي چا ب ڪري ها، مڙس جي جهلڻ باوجود نہ مُڙي ها، نڪتي اچي ها.

اڪرم: خبر ناهي ڇا سچ آ، ڇا ڪوڙ آ. اسان تہ هن جي اهڙي لَکا مان پروڙي ئي ڪو نہ سگهياسين. ڇو تہ هوءَ ماءُ سان مُنهن مُقابل ئي ان انداز ۾ ٿي.

مائي ڀانان: اهڙيون عورتون ڏاڍيون هستَ رَنگيون ٿينديون آهن ادا، ساڻُن سان سَنَمُکُ، تہ پَٽِنچَن سان بہ پوريون. ٻاهر ٻولي هنجَ جي، اندر ڪارو ڪانءُ.

اڪرم: اندر جا راز تہ مالڪ ٿو ڄاڻي. ٿي سگهي ٿو، تو واري ڳالهہ، ائين هُجي بہ.

مائي ڀانان: ادا اڪرم، مان غلط نہ ٿي چَوان. توهان شايد زمانو چڱيءَ طرح ناهي ڏٺو ياءُ.

سڪينہ: برابر، اسانجو اڳ واسطو ئي نہ پيو آ اِنَ قسم جي ماڻهن سان، تہ پير ٻڌي ڪيئن چَئون، تہ ائين نہ هوندو.

مائي ڀانان: هَڻُ ڪَيڏوِن. جيڪو ڏَڻُ ڏَڻين کان ڏاڍَ چَري، سا ڇانگَ ئي ڇڻي ڇَڏجي. سو جي دل چَئيوَ، تہ ٻي هڪ ڏاڍي ٻلي مائٽي آ. ڪرائي ڏيانوَ. اصل جونَءَ بہ ننڍَ هوندوَ. نہ ڪِٽِ ٻِٽِ، نہ ههڙو ٻي وجهہ مطالبن وارو ڏکوئيندڙ متي جو سورُ.

اڪرم: ڏسجي، هي معاملو ڪٽي ٿو دنگُ ڪري ۾ ڪيئن ٿو ڇينهرو ٿِئي. پوءِ اهڙي سوچَ ڪبي، في الحال نہ.

مائي ڀانان: ڪُجهہ نہ ٿيندوَ. توهان بہ اِتي، مان بہ اِتي. وينا ڏسجو. ها باقي، جي پٽ ان کي نويڪلو ڪري ڏيندئو ۾ توهان وڃي ڪو ٻيو جَهاڻُ وسائيندئو، تہ پوءِ معاملو نهندو. نہ تہ، اِها مرندي مري ويندي، ڪو نہ ٿيندي توهان جي.

سڪينہ: ها، چَوين جائي ٿي.

مائي ڀانان: ٻلو ان ۾ ئي اٿَوَ. ٻچڙي کي بہ وڌيڪ صدمي ۾ رهڻ نہ ڏيو ۾ انهن کي بہ ڪري ڏيکاريو، تہ خبر پَوين، تہ هَڻَ سان وڃايل شَئي، پيرن سان ناهي لَيندي.

سڪينہ: ڪرڻ واقعي ائين ئي گهرجي.

مائي ڀانان: نہ تہ، مان ڪو اجايو ٿي چَوانوَ ڇا. اَڻُون هيءَ جيڪا مائٽي

منهنجي نظر ۾ آهي نہ، ڏوئي ڏکڻُ گيهہُ ٿَو. پيءُ ماءُ کي هڪ ئي نياڻي آ. وڏي پٽسي ۾ مال ملکيت وارا هِن. رهن ڳوڻَ ۾ ٿا ۾ اتيئي رهندا. نوڪر چاڪر جامُ ٿَن. هنن وانگر لالانگهرو کو نہ ڪندا ڏيءُ جو. پَڪ ٿي ڏِيانَو.

اڪرم: (حيرت ۾ پَوندي) اَڇا!

مائي ڀانان: بلڪل. منهنجي ڳوڻَ جا هِن. اوتيل پوتيل. ڏاڄ ۾ گنجُ ڏيندیس. ڪار سميت. ٽي سگهي ٿو ڪو زمين ٽڪرو ۾ لکي ڏينِس. انهن پُڄاڻان سئو سَوا سئو جريبن جي مالڪياڻي ۾ اهائي ٿيندي.

سڪينہ: (عجب ۾ پوندي) هان!

مائي ڀانان: ها ادي، انهن کي رشتو اهڙو ئي ڪپي ٿو. جنهن ۾ ڇوڪري کي ڀائر ڀينر نہ هجن. رڳو پيءُ ماءُ هُجيس. سو توهان بس ڀچڑي سعيد کي راضي ڪيو. سڀ ڪم سؤلا ڪري ڏيندیسانَو. شرط صرف هڪڙو ٿَو منهنجو.

اڪرم: ٻڌاءِ؟

مائي ڀانان: پٽسا هن دفعي ويهہ نہ، پنجاهہُ هزارَ ونڊندیسانَو.

اڪرم: قبول هِن.

مائي ڀانان: تہ، بيهاريو سعيد کي انهي پيرَ تي.

سڪينہ: اچي ڪاليج مان تہ چئونس ٿا. چگي ٿيندي.

مائي ڀانان: مان خدمت لاءِ حاضر ڀيٽ، خاطريءَ سان.

ڪيميرا مائي ڀانان تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: ارڙهين

وقت: ڏينهن
جاءِ: سعيد جو گهر
ڪردار: سعيد، سڪينہ، اڪرم

ڪيميرا سعيد جي سولو شاٽ سان ڪمري جو ڏيک پيش ڪري ٿي. جيڪو اڪرم سان مخاطب آهي

سعيد: نہ بابا، اصل نہ. مان ڪو نہ ڪندس شادي.

اڪرم: اڙي، مائي پانان ايڏي سني مائتيءَ جو رستو ڪڍيو آ. پڪ بہ ڏني ٿئين تہ ٿيندي، سو اهڙو چگو رشتو. سمجهہ تہ پلي پاڻ جو ڏَرُ ٿو ڪُلئي بابا.

سڪينہ: پٺهين صحيح پيو چَوَئي.

سعيد: امان، منهنجو ذهن بہ مچي نہ.

سڪينہ: اڪير تہ هاٽي ڪو نہ ايندئي. آسرو پلي ڇَڏِ.

اڪرم: ها بابا، جي اچڻو هُجيس ها، تہ ماءُ جي ان زهر پيئڻ واري ڏمڪيءَ تي، پيرن ۾ ڏاوَڻَ ڪو نہ پَوَنِس ها. پنهنجي ئي گهر کي مِنو ڪري ها.

سعيد: پاڻ تہ اچي پَئي نہ. جهليومانس تہ مان. هاٽي ڪجهہ ڏينهن ۾ چاچي شميم اچي ويندي دڳ تي. في الحال جيڪا شَئي جاتي آ، رهڻ ڏيو.

سڪينہ: نہ مِنا پٽ، ڇَڏين تہ پنهنجو ڪِيتو لوڙِن. اڪير کي جيڪڏهن هي گهرُ پيارو هجي ها تہ، هيلَ تائين ماءُ کي مجائي، توکي فون ڪري گهرائي ونئي ها ۽ اچي وڃي ها هِتي.

سعيد: اڪير معصوم آ ۽ سچي بہ. نہ تہ ماءُ سان ائين رَدَ ڪَدَ ڏئي ها

چا.

اڪرم: اهو سڄو ٽِڪاڻُ هو پٽ، توکي اهڙين سياڻين زائفن جي سُڌِ ڪونهي. اهي بظاهر هڪڙيون ۽ اندر ۾ ٻيون هونديون آهن. مڪر ۽ فريب انهن جي فطرت ۾ شامل هوندو آ ۽ فطرت جنهن جي جيئن هوندي آ، اونئين رهندي آ، ڪيڏا بہ وَسَ ڪجن، تبديل ناهي ٿيندي.

سعيد: ائين ناهي بابا، هوءَ اهڙين عورتن مان ڪونهي. مجبور آ. نہ تہ پهرين ڏينهن کان ئي اهي ڪُڻَ ڪَٽي ها هن گهر ۾ ۽ ماءُ جي سوچ سان صفا ٻِڏُ لڳي ٻيني هُجي ها.

سڪينہ: جي ائين نہ بہ آهي، تہ بہ ڇَڏِ هن جي پَڇَرَ. اسان لوڏجي ان گهر مان آياسين، تہ مِلين ان جو صِلو ۽ پلي پوڳين ان عيوض سڄي عمر.

اڪرم: تنهنجي ماءُ ۽ مان فيصلو ڪري چڪا آهيون. هاڻي ڪڏهن بہ اسانجا پيرَ اوڏهن نہ ويندا، ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ويندا.

سعيد: (پرچائڻ واري نوع ۾) بابا، بابا، منهنجي سِرَ بخت جو خيرُ گهُرو ٿا، تہ نہ ڪيو اهو ضد. مونکي هڪ دفعو موقعو ڏيو تہ، ٿَڏيءَ دل سان وڃي چاچي شميم کي سَمَڪَ ڏيان.

سڪينہ: ڪو نہ مڃيندئي. اسان غلط ڪو نہ ٿا چَئُونئي.

سعيد: مان مڃائيندومانس، ضرور مڃائيندومانس. بس، توهان رڳو هن جهڙو ضد نہ ڪيو ۽ ڪلندي دعا ڪري موڪل ڏيو تہ، ٿُڻيءَ کي ٽاڪو لڳي ۽ ڏنل ڳُنڍ ڪُلي، صفا سِڏي ٿي وڃي.

اڪرم: جيڪا تنهنجي مرضي بابا. اسان تنهنجي خوشيءَ ۾ خوش. ڪو نہ ٿا ڪَيَئُون ضد.

سعيد: مهرباني، وڏي، گهڻي ۾ گهڻي مهرباني.

ڪيميرا سعيد تي رهي ٿي.

Cut

سين نمبر: اٺويهين

وقت: ڏينهن
جاءِ اڪير جو اباڻو گهر
ڪردار: سعيد، اڪير، سارنگ، شميم، مائي پانان، رجب

ڪيميرا ڏيڪاري ته سعيد جيئن ئي گهر اندر داخل ٿئي ٿو، ته مائي پانان اڳڙ ۾ ڪٽ تي ويٺل نظر اچي ٿي. جنهن جي پر واري ڪٽ تي شميم ۽ اڪير ويٺل آهن. سعيد اچڻ سان مائي پانان سان مخاطب ٿئي ٿو

سعيد: (حيرت ۾ پوندي) مائي پانان تون هِتي!؟
مائي پانان: (ٿورو هبڪندي) ها، چو، منهنجو پنهنجو گهر آ.
سعيد: پنهنجو گهر ٿَئي؟!، هان، جنهن گهر ۾ باهِ ٿي لڳائين، ان کي پنهنجو ٿي چَوين!
مائي پانان: خيرُ گهُرُ، مان چو باهِ لڳائيندس.
سعيد: باهِ نٿي لڳائين، باقي گُلَ ٿي چَٽين؟ بُڏاءِ، هُتي منهنجي پيءُ ماءُ سان ، منهنجي نئين شاديءَ جون ڳالهيون هلائي آئي آن. ڪنوار ٿي وڻي ڏين ڪارِ سوڏي ۽ هِتي وري هِنن جي ٿي ويٺي آن؟!
شميم: (ڪٽ تان اٿي حيرت ۾ پوندي) ڇا؟!
سعيد: ها چاچي، هن ئي اسان ۾ ڏِڦيڙُ وِڌو ٿَئي، سڄي شرارت جي جَرَ، مان سئو فيصد ٿو چوان ۽ سمجهه ۾ آئي آ ته، هِيءَ ئي آ.
شميم: (غصي ۾ ڏسندي) مائي پانان؟
مائي پانان: نه بابا، اهو سنئون سِڌو ڪوڙ آ.
ڪمري مان سارنگ ۽ رجب ٻاهر اچن ٿا
سعيد: (آواز کي وڌو ڪندي) ڪوڙ آ؟!، يعني مان ڪوڙ ٿو هَڻان!، گهُرايان ٿو بابي امان کي، پوءِ ڏسان ته سَچارِ ٿي ڪيئن ٿي ڪَٽين

انهن جي اڳيان ڪندُ.
سعيد سمارٽ فون ڪيسي مان ڪڍي ٿو
مائي ياناں: شل ڪا ڳارِ پَوندئي.
مائي ياناں برقعو ڪٽي اٽي ٽي. شميم تڪڙي اڳتي وڌي برقعو ڪسيس ٽي
شميم: ڳارِ توکي پَوندي. ويهُ، ويهُ تہ اڃا ڪارا ٽِيَن پڌرا.
مائي ياناں: (وڏي آواز ۾) چڌيو، چڌيو مونکي. الاڙي، گهوڙا ڙي.
سعيد: چڌينس، چڌينس چاچي، تہ وَڃي. خدا انهي ڪَئيءَ جو پاٽهي حسابُ ونندس. نئين مائٽي ڪرائڻ جا پنجاهُ هَزارَ پَئي ورتائين!
شميم: ها ٽي، ڏوتي رَنَ.
اڪير: امان ڏئيس برقعو.
شميم برقعو مائي ياناں کي مُنهن ۾ هڻندي
شميم: وَڃُ نڪري هِتان تہ، سِروٽا هَٽي خونُ نہ ڪيانءِ.
مائي ياناں هٿن ۾ برقعو ونڊي پائيندي تيز قدمن سان ٻاهرين در مان نڪري وڃي ٽي.
شميم مائي ياناں جي نڪرڻ بعد
شميم: خدا غرق ڪندس. چيچلائي مرندي.
سپ ڪٽن تي ويهن ٿا تہ سعيد شميم کي چَوي ٿو
سعيد: چاچي، چگو ٽيو نہ، جو مان مهل تي پهتس.
شميم: (ٽورو شڪي ٽيندي) ها ابا، الله آندئي، جو سپ سڌايون ٽِيون،مَتِ مِلي.
شميم سان مخاطب ٽيندي
سعيد: هاڻي ڏي اسانکي موڪل، تہ وَڃَئون.
شميم: ماني تيارُ آ. اها کائي پوءِ وڃ، بلاشڪ.
مرڪندڙ رجب جو انسرشن. شميم بوچيخاني ڏانهن وڃي ٽي
سارنگ: (اڪير ۽ سعيد سان مخاطب ٽيندي) ادا سعيد، اڪير مبارڪ اَٽَو.
سعيد ۽ اڪير: (گڏيل آواز ۾) خير مبارڪ.
ڪيميرا سعيد ۽ اڪير جي خوشگوار چهرن تي رهي ٽي.

اسڪرول

اوذرجي ماءُ

اوڏر جي ماءُ

وقت: ڏينهن
جاءِ: پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ جو بيڊ روم/اوطاق
ڪردار: پوپٽ خان عرف ست رنگي
گلابُو ڪاسائي
گاگُو
شهناز (پوپٽ خان جي زال)
مهناز (پوپٽ خان جي ڏيءَ)
ڪدڙو (خوشبو فقير)
ڏٽي بخش
نورل
زاهد (پوپٽ خان جو پٽ
مراد

اوطاق نما ڪمري ۾ ڪيميرا ڏيکاري ٿي رٿايرڊ فوڊ انسپيڪٽر پوپٽ خان عرف ست رنگي پينٽ شرٽ ۾ ملبوس، اکين تي نظر جو چشمو چڙهيل، ڪرسيءَ تي ويني آڏو رکيل ننڍڙي ٽيبل تي هڪ بنديءَ تي ڪجهه لکندي نظر اچي ٿو. پرسان هڪ پلنگ خالي پيل آهي. جنهن جي پٽيان الماڙي ۽ ان سان لڳولڳ ڪجهه ڪرسيون ۽ صوفاسيٽ رکيل آهن. پوپٽ خان عرف ست رنگي اوچتو قلم روکي پاڻ کي ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ڍلو ڇڏيندي افسوس واري لهجي ۾ چوي ٿو

پوپٽ خان: مارِ، پورا ڇهه لک رپيا. الاڙي، معنيٰ ته ويچاري پوپٽ خان عرف ست رنگي فقير جي ميڙي چونڊي صفا چَٽُ. ايڏي وڏي

اوڏر جي بہ ڪنهن ۾ اميد ناهي. اَبوءِ، نياڻيءَ جي شادي نہ ٿي، تعدي ٿي ٻيو.

ڪال بيل جو آواز اچي ٿو

پوپٽ خان: ڪير آ بابا، اچ. هليو آ.

ساڃي در کان ڪيميرا رت لڱل صدري ۾ گوڏ ۾ ملبوس مضبوط جسم واري گلابُو ڪاسائيءَ کي هٿ ۾ ڪات پکڙيل ۾ انتهائي غصي ۾ اندر ايندي ڏيکاري ٿي. هن سان سندس هيلپر چوڪرو گاگُو بہ گڏ آهي. وڏي آواز ۾ ڦوٽاريل اکين سان پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ سان مخاطب ٿئي ٿو.

گلابُو: او پوپٽ خان، ست رنگي ڪُونهان، موڪلاءِ جهانَ کان، جلدي، تمام جلدي. اڄ هي منهنجو ڪات ڪنهن ڏور تي نہ، تنهنجي ئي سِرَ تي وَهندو. رڳوئي تنهنجي سِرَ تي. نہ بچندين. اصلي نہ بچندين. ڳيا ڳيا ڪري ڪيمو نہ ڪيانءِ تہ منهنجو نالو گلابُو ڪنهن بَدِ کان بَدِتر ۾ بُڇڙي کان بُڇڙي جانور تي رکجانءِ، ها.

پوپٽ خان عرف ست رنگي خوف ۾ ٽپو ڏئي ڪرسيءَ تان اٿي ٿو ۾ کابي دروازي مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ گلابُو هڪل ڪريس ٿو

گلابُو: بيهي رهُ اتي. مان چوانءِ ٿو، بيهي رهُ.

پوپٽ خان عرف ست رنگي بيهي نٿو ۾ پلنگ مٿان چڙهي ٻئي طرف وڃڻ چاهي ٿو تہ گلابُو اولاريل ڪات سان تيزيءَ سان هن ڏانهن وڏي ٿو. پوبان گاگُو هڪدم گلابُوءَ کي چيلهہ ۾ ياڪر وجهي روڪيندي چوي ٿو

گاگُو: استاد گلابُو نہ، هٿ کي روڪ. ڈڪُ رحماني، ڈڪُ شيطاني، متان هٽينس.

گلابُو: مونکي ڇڏ گاگُو ڇڏ. مان اڄ هن پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ جي سيني سانڊي وارن رنگن جو خون ڪندس. هن گهٽن جو اوڏرون ڪاڏيون هِن. هاڻي نہ هوندو، نہ ٻيهر ڪنهن جي اوڏر ڦهائيندو.

گاگو: تکڙ نہ ڪر استاد، هونش کان ڪم وٺ. جي جائي پي هي

پوپٽ خان ست رنگي تنمنجي هٿان ذبح ٿي ويو تہ وڏي ڏڇي ۾ اچي ويندين. ننڍڙا ٻچڑا ٽٽئي. پاڻ تي رحم ڪر.

گلابُو: مونکي نہ روڪ گاگُو. پري ٿي تہ مان هن کي ڏيکاريان تہ مونکي رڳو جانورن جو ڪيمو ڪرڻ نہ ايندو آ. هڙن ڪَٽَن ڪوڙن جو بہ ايندو آ.

ٻانهون ٻڌي ليلائيندي پوپٽ خان عرف ست رنگي چوي ٿو

پوپٽ خان: گلابُو. مان تنمنجي پيءُ جيڏو آهيان. مونکي نہ مار. مان الله سنئون ڏاڍو مجبور آهيان. ڈيءُ جي شادي آ. مهيني کانپوءِ پائي پائي ڪري ڏئي ويندوسانءِ. پئسو بہ ميرو ڪيانءِ تہ پوءِ پلي ڪُهي وڃجانءِ. اُفُ بہ نہ ڪندس.

گلابُو: مونکي ڏوکڑ نہ، تنمنجو سِرُ ونڊو آ سرُ.

پوپٽ خان: اعتبار ڪر. مان ڪوڙ نٿو ڳالهايان. تون ٽڏو تہ ٽيءُ نہ. مان پوپٽڙي تي ايڏو غصو چو ٿو ڪرين. ڪات سان نہ، قرب جي ٻوليءَ ۾ ڳالهاءِ نہ.

گلابُو: اصلي نہ.

گاگُو پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ سان مخاطب ٿئي ٿو

گاگُو: پوپٽ خان، جي سڄي اوڏر هاڻي جو هاڻي موتائينس، تہ مان شامت ٽاريانءِ. ٻڌاءِ، ڏئين ٿو؟

پوپٽ خان: ياڻو. منمنجو پيءُ بہ ڏيندو. پر ٻيلي، ٿوري مهلت ونِي ڏي.

گاگُو: مهلت جي وچ ۾ مان نہ ايندوسانءِ. باقي جي ڏيڻ جي ڪرين تہ استاد جي ڪاوڙ تي برف واري صفا ٽڏي پاڻيءَ جي باٽلي هاريان.

پوپٽ خان عرف ست رنگي گاگُوءَ کي ٻانهون ٻڌندي چوي ٿو

پوپٽ خان: پٽ گاگُو. تون منمنجي اڇن وارن ڏي ڏس. هن بلا کي جهَل. هروپرو ڪُهڻ وارو ڪِنُ نہ ڪري.

گاگُو: نہ بابا، تون پنمنجي هوڏ تان نہ ٿو لهين تہ منمنجي ڳالهائڻ لاءِ باقي ڇاٿو بچي، ٻڌاءِ؟

گلابُو: گاگُو. تون وچ ۾ نہ اچينس. هي ان جانور جو پڇ ٽئي. ٻارهن

مهينا بہ نڙ ۾پوندو تہ سِڏو نہ ٽيندو. ڇڏي ڏينس تہ پلي پنهنجي رت ۾ پاڻ ٽاڦوڙا هڻي ٻڏي مري.

پوپٽ خان: ڇڳو ٻلا، سَڏ ۾ سَڏ ڏيانءِ ٿو. تون ويهُ. (صوفن طرف اشارو ڪندي) هيڏانهن سئولو ٿي تہ ويهُ نہ.

گلابُو: ويهندس پوءِ، اڳ ۾ ٻڌاءِ تہ ڪيئن ٿو سڏ ۾ سڏ ڏين؟

پوپٽ خان: تون ويهُ تہ نہ.

گلابو: ڇڳو، ويهان ٿو. جلدي ٻڌاءِ.

پوپٽ خان: تون پي گاگُو پٽ ويهُ منهنجي سامهون ٿي.

گاگُو گلابُوءَ مان پاڪر ڪيڊي ٿو تہ پهريان گلابُو ءِ پوءِ گاگُو صوفن تي ويهن ٿا. پوپٽ خان عرف ست رنگي پلنگ تان لهي ساڃي ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو ۽ گلابوءَ سان مخاطب ٿئي ٿو.

پوپٽ خان: تڪڙ تڪڙ ۾ اول اهو ٻڌاءِ پائو گلابو، تہ چانهہ پيئندين يا ٽڏو؟ ٻئي مسڪينڙي پوپٽ خان عرف ست رنگي فقير جي غريب خاني ۾ موجود آهن.

گلابُو: ڪجهہ پي نہ پيئندس. مونکي ڏوکڙ ڏي پورا يارهن هزار. رپيو پي گهٽِ نہ.

پوپٽ خان: هائو ادا، هائو، تنهنجا سون جهڙا. پر هن وقت منهنجي مجبوريءَ کي سمجهُ.

گلابُو: مونکي اِها پراڻي گنل ڪيسيٽ نہ ٻڌاءِ. نہ تہ وري ساڃي ڪُهڻ واري آخري ڏاڪي تي اچي ويندو سانءِ.

پوپٽ خان: ڪُهڻ جون ڳالهيون چوٽو ڪرين پائو گلابُو، مان امن جو، ڳيري جيتري دل رکڻ وارو پکي...

گلابُو وچ ۾ ڪٽيندي وري ساڃي ڪاوڙسان ڪات ايو ڪري صوفي تان ٽپ ڏئي اٽي ٿو

گلابُو: پکي ٻکي نہ، تون سنئون سِڏو ڄاهو آن. خلقن کان اوڏرون ونې، منهن ڪَلَ ۾ لڪائي گهمندو آن. پر منهنجو هٿُ تنهنجي منڊيءَ ۾ قابو آ. بچي نہ سگهندين.

گاگُو بہ اٽي ٿو ۽ گلابُوءَ جي هڪ ٻانهن ۾ پنهنجا ٻئي هٿ وجهي

کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ٿو.

پوپٽ خان عرف ست رنگي بہ ڪرسيءَ تان ٽپ ڏئي اٿي ٿو

پوپٽ خان: اُٺُ نہ. ويهُ، ويهہ تہ ياٿو.

گلابُو: اصلي نہ. ڪَيڏُ ڏوڪڙ. اِتي جو اِتي.

پوپٽ خان عرف ست رنگي ڪيسي ھٿ وجهي پرس ڪڍي ڪولي ڏيکاريندي چوي ٿو.

پوپٽ خان: هي ڏس، هاڻي مون وٽ ڇڙا ويهہ رپيا ٿئي.

گلابُو سَڻَ ڏئي گاگُوءَ کان پاڻ ڇڏائي پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ جي بلڪل پرسان ايي ٽيل ڪات سان وڃي بيهي ٿو

گلابُو: هي بٽون اڇل هيٺ ھٿ مٽي ڪري پنيرو ٿي بيهُ.

پوپٽ خان: اڙي هي ڇاٿو ڪرين.

گلابُو: مان چوانءِ ٿو سڏو ٿي بيهُ تہ لُٽانءِ نہ مُنڊي.

پوپٽ خان: ڪرين تہ بيواجبي ٿو. پر...

پوپٽ خان عرف ست رنگي بيهي ٿو تہ گلابُو هڪ هٿ ۾ ڪات پڪڙي ٻئي سان هن جي پينٽ جي ٻئي ڪيسي مان ڪجهہ نوٽ ڪڍي ٿو ھٿ گاگوءَ کي ڏيندي چوي ٿو

گلابُو: ڳڻ گاگُو، تہ گهٽا هَن.

گاگو نوٽ ونڊي ڳڻي ٿو

گاگُو: هڪ..ٻہ... ٽي...چار...پنج. استاد، پورا پنج هزار آهن.

گلابُو: ٺيڪ آ. اهي رک کيسي ۾.

پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ کي گلابُو سڏو ڪري بيهاري ٿو.

گلابُو: ڪن کولي ٻڌ، باقي ڇهہ هزار بہ صبحوڪي سج ۾ ونندوسانءِ.

نہ تہ هي ڪاتُ گهٽ نہ ڪندئي، ها. هلي آ گاگُو.

گلابو ھٿ گاگُو ساڃي دروازي مان ٻاهر نڪري وڃن ٿا تہ پوپٽ خان عرف ست رنگي وڏي آواز ۾ دانهون ڪري ٿو

پوپٽ خان: اڙي، ڦُرِ ٽي وئي. ڏاڙو لڳي ويو. گهل ڏي. مان لُٽجي ويس. مان ڦرجي ويس.

ڪيميرا پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ جي دانهن تي سندس زال

شهناز کي ڪاپي دروازي مان تيزيءَ سان اندر ايندي ڏيکاري ٿي
شهناز: ڇاٿيو... ڇاٿيو...
پوپٽ خان: گلابُو ڪاسائي ڪات جي زور تي پورا پنج هزار منهنجي پينٽ جي ڪيسي مان ڦر ڪري ويو.
شهناز: گلابو ڪاسائي ڦر ڪري ويو!؟ ڪير گلابُو ڪاسائي؟
پوپٽ خان: ها اهو ئي گلابُو جنهن جي ڇيلن جون سڄيون سڄيون رانان تون سِجيون ڪري ڪائيندي هئينءَ.
شهناز: مونکان وڌيڪ ته تون رڙڪيندو هئين. ته، ان ڪاسائيءَ کان به اوڌر کٽندو هئين ڇا؟
پوپٽ خان: ها. باقي روکڙا ڏئي وڃي ايندو هوس ڇا. الله مونکي هن جي ڪات کان بچايو. جي ٿورڙي به مزاحمت ڪيان ها ته گلابُو مونکي ڊور وانگر ڪُهيون هليو وڃي ها.
شهناز: الا!
پوپٽ خان: جي ڀڄڻ جو ٿورو به دنگو ملي ها ته هيءَ واردات ٿئي ئي نه ها.
شهناز: مان ته حيران آهيان ته تنهنجي اوڌر جي ماڻُ ڪاسائيءَ مان به نه مُڙي. ٿوٽل گهٽا پئسا ٿس؟
پوپٽ خان: پنج هزار ڦري ويو. باقي ڇهه هزار ٿَيس.
شهناز: جيڪو ڪات کٽي پنج وڃي ويو ٿئي، اهو ٻيا ڇهه به ساڻئي طريقي سان وڃي ويندئي.
پوپٽ خان: وڃي نه ڦري ويندئي چَئُ.
شهناز: ها ڦري ويندو. ان لاءِ تو وٽ ڪا ٽِڪَ آهي ته ٻڌاءِ. نه ته منهنجي عقل جي پکيءَ جا پَر ته صفا ڪٽجي ويا ٿئي.
شهناز: جي ڪاسائي نه هجي ها ته ڪا نه ڪا سهڻي صلاح ضرور ڏيانءِ ها. پر هڪ مئو ڪاسائي، ٻيو ڪاتُ، ته ڪجهه پي سمجهه ۾ نٿو اچي.
پوپٽ خان: اڙي، ڏيءُ جي شادي آ. پئسو هر صورت ۾ بچائڻو آ.
شهناز: ڪاسائيءَ وارو در ڀڳورو آ. اٽئون بچڻ ممڪن ناهي. باقي ٻين

سان پڇڻ لاءِ تو وٽ بہ ست رنگ آهن، تہ مونوٽ بہ سورهن صلاحون. يعني اوڏر جي ماءُ کي ڪيئن بہ ڪري مرڻ کان بچائڻو آ.

پوپٽ خان: مونکي هڪ ترڪيب سُجهي ٿي.

شهناز: ڪهڙي؟

پوپٽ خان: ٽاٽي ۾ ٽنگرايانس.

شهناز: پوليس کا سئولي فرياد ونڊندئي ڇا؟

پوپٽ خان: نہ ونڊندي تہ هڪ ٻِبَ کي ونڊي ويندس.

شهناز: ڪهڙي ٻِبَ؟ تو تہ اوڏرون ونڊي ڪنهن سان بہ پنهنجا تِرَ سنوان نہ رکيا آهن.

پوپٽ خان: سيني کان نہ، ايا بہ ڪجهہ اهڙا واقف آهن، جن کان رپيو بہ نہ ورتو اٿم.

شهناز: اهو کوڙو تہ لڳي ئي نہ ٿو. تنهنجو ڪو واقف هجي ۽ تون ان کان اوڏر نہ گهرين.

پوپٽ خان: آهن آهن. انهن مان هڪ مون وانگر ئي منهنجي فوڊ ڪاتي جو رٽائر ٿيل نور خان بہ آهي. جنهنجو پٽ با اثر آ. ان کي چوندس تہ اهڙا سچ پتر هٽندس، جو ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪاتُ ڏيکاري اهڙي تعدي ڪري اوڏر نہ اڇاڻيندو.

شهناز: خوشفهميءَ ۾ نہ پئ. ٻيو اهو بہ سوچ، جي ڪاسائيءَ سان اچائينيدين تہ جنهن کي ڏور تي ڪَسِوَٽو نٽو اچي، ان کي توتي ايندو؟ هان، ٻڌاءِ تہ؟

پوپٽ خان: ڳالهہ تنهنجي اها بہ صحيح آ. تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

شهناز: ماڻ ڪري ڪنهن ٻئي اٽواقف سان واسطو وڌاءِ. جيئن اوڏر جو نئون دڳ ڪُلئي ۽ انهن ويل پنجن هزارن جو ازالو ٿئي.

پوپٽ خان: رڳو اهي پنج هزار نہ، صبحاٽي ڇهن هزارن جو ڪات بہ سوچ ۾ رک.

ڪيميرا ساڄي دروازي مان پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ جي ڏيئُ مهناز کي اندر داخل ٿيندي ڏيکاري ٿي. جيڪا چوي ٿي

ممناز: ڪهڙي ڪات جون ڳالهيون پيون ٿين بابا سائين، ڇا ڪو ڏور ڏيگو ڪهرائي منهنجي شاديءَ کان اڳ ۾ خير خيرات ڪرڻي اٿو ؟

پوپٽ خان: نہ بابا، اهڙو ڪوبہ پروگرام ناهي. اسين تہ پاڻ ڏور ٿي ڪُسي ويا آهيون. ڪات خان سڃي بازي کٽي ويو.

ممناز: ڪات خان، ڪهڙو ڪات خان؟! مون اوهان جي ڳالهہ نہ سمجهي.

شهناز: گلابُو نالي ڪنهن ڪاسائيءَ کان پڇهين پوپٽ خان عرف ست رنگي پنهنجي بنيادي ڏنڊي ۾، يعني اوڏر تي گوشت ڪڍندو هو. جيڪي وڏي يارهن هزار ٿي ويا هئا تہ مُئو ماريو ڪات ڪڍي هتي ڪاهہ ڪري آيس ۽ پنج هزار زوريءَ ڪيسي مان ڪڍي ويس.

ممناز: اوهہ، ويري سئڊ. تہ، باقي ٻيا ڇهہ هزار تہ ڦٻي ويا نہ؟

شهناز: نہ ڪو، اهي بہ ٽاڪيءَ ڦاٽو صبحوڪي سڄ ۾ ساڳي طريقي سان وڻي وڃڻ جي ڏمڪي ڏئي ويو ٿيس.

ممناز: تہ ان لاءِ ڪو قانوني دڳ وڻو نہ. سڀ در تہ ڪليل آهن. انهن سان ڇو نہ ٽا رجوع ڪريو.

پوپٽ خان: تون تہ ڏاڍي سادي آن بابا. توکي خبر ناهي، جيستائين ڪو داد رسي ڪري، ڪات خان پنهنجو ڪم ڪري ويندو.

شهناز: ها بابا، هتي ڪات سدائين سوپارو رهيو آ. اهو اڳ ۾ پنهنجي ڪاروائي ڪري، هليو ويندو آ، داد رسي پوءِ پَنَن ۾ ٿيندي آ!

ممناز: ها امان، برابر، اهو وڏو المیو آ. تہ ان کان اڳ ۾ جو ڪاسائيءَ جو ڪات ڪو ڪِنُ ڪري، ڇهہ هزار بہ ڏئي پنهنجا پلوَ آجا ڪريو. پر انهن يارهن هزارن جي منهنجي ڏاج مان تہ ڪٽوتي نہ ٿيندي نہ؟

شهناز: نہ بابا، ائين ڪيئن ٿيندو. ڏاج جون سڀ شيون پڇهين کي پوريون ڪري ڏيڻيون پونديون. پلي ڪنهن جي بہ اوڏر جي ماءُ کي، ڪيئن ۽ ڪيڏيون بہ تڪليفون ڏئي ماري. نہ تہ ڪاسائيءَ کان وڌيڪ منهنجي خطرناڪ اکين جي پڇهين کي اڳواٽ ئي

گھٹي خبر آهي

پوپٽ خان: ها ها خبر آ، خبر آ. تڏهن ته هن پوپٽ خان عرف ست رنگي فقير اهڙي سوچ اچڻ تي به پنهنجي دماغڙي ۾ پابندي لڳائي ڇڏي آ. انڪري تون پئسي جيتري به پرواهَ نه ڪر بابا. توکي ڏاج منهنجا وڏا به پورو ڪري ڏيندا. پوءِ پلي دمڙيءَ سان گڏ منهنجي چمڙي به چونه هلي ويجي.

ٻاهران مرداٽي آواز ۾ ڪوسڏ ڪري ٿو

مرداٽو آواز: اڙي بابا، ڪو اندر آهي؟

پوپٽ خان عرف ست رنگي شهناز ۽ مهناز کي چوي ٿو

پوپٽ خان: توهان ٻئي هلو اندر.

شهناز ۽ مهناز ساڃي در مان اندر وڃن ٿيون ته پوپٽ خان عرف ست رنگي ٻاهران آواز ڏيندڙ سان مخاطب ٿي چوي ٿو

پوپٽ خان: ڪهڙو آن ابا، هلي آ.

ڪيميرا هڪ ڪدڙي فقير کي تاڙي وڃائي ڪاپي دروازي مان اندر ايندي ڏيکاري ٿي.

ڪدڙو: هاءِ هاءِ، جيئني ٻچا. خبر پئي آ ته تنهنجي نياڻيءَ نماڻيءَ جي شاديءَ جون تياريون پيون هلن، سو مان به پنهنجي ٽيم سان ايڏي وڏي ڪاج ۾ ضرور ڳائڻ وڃائڻ ايندس.

پوپٽ خان: نه نه فقير، اسان کي شاديءَ ۾ ڪو به گانو بجانو ناهي ڪرڻو.

ڪدڙو: ڏيءُ تنهنجي آ يا نياڻي ڪنهن ميلي مان لڏي هيئي؟

پوپٽ خان: (غصي واري لهجي ۾) ڇا مطلب؟

ڪدڙو: (تاڙي وڃائيندي) مطلب؟ ته توکي هاڻي سڃي ڳالهه جو اکر اکر کولي مطلب جي ڳالهه سمجهايان. ته، ڪَنِڙا ٿورا سَرلا ڪري ٻُڌ منهنجا مور لاڏا.

پوپٽ خان: ٻڌان ٿو. گهٽو فِري ٽيڻ جي ڪوشش نه ڪر.

ڪدڙو: مان پلجي به ڪڏهن ڪنهن سان فري ٽيڻ جي غلطي نه ڪندي آهيان. جو خبر آ ته، ان سان تو جهڙا گِدو بندر مان يَڳَلَ ڳچيءَ ۾

پوندا هِن.
پوپٽ خان: ڳالهائين ڇاتو؟
ڪڏڻو: ڳالهائين ڇاتو نه ڇئه. ڇاتي ڇئه، ڇاتي. جو مان خوشبو آهيان. جيڪا ڏسڻ واري جي جڏهن به دل ۽ دماغ ۾ داخل ٿيندي آهيان تہ اهي مست ٿي پوندا آهن
پوپٽ خان: هل بابا هل، نڪر هتان، اجايو منهنجو مٿو نہ ڪاءُ. اسانکي شاديءَ ۾ ڪوبہ ناچ گانو ناهي ڪرائڻو هل.
ڪڏڻو: ٻڌو آ تہ پٽ وانگر ڏيءُ بہ اها هڪڙي ئي ٿئي. (تاڙي وڄائيندي) هاءِ هاءِ، مئا، تہ ان جي شاديءَ ۾ بہ شغل شادمانا نہ ڪندين تہ ڇا مرڻ ڪانپوءِ پنهنجي مَيَتَ مٿئون لنگها گهرائي دهل وڄرائيندين ڇا؟
پوپٽ خان: بدتميزي نہ ڪر. هل هتئون، هل.
ڪڏڻو: تون بہ پنهنجي زبان کي لغام ڏي، ڇاچا پوپٽ خان عرف ست رنگي سائين. (تاڙي وڄائيندي)
پوپٽ خان: توکي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو آ؟
ڪڏڻو: ڇو، تون ڪو پيندڙ پٽر آن ڇا؟
پوپٽ خان: (ٻانهون ٻڌندي) هاڻي ڇڏ ڇِندُ. نڪر منهنجي گهر مان.
ڪڏڻو: ٻوڪڙ ڪري منهنجا ڪَنَ نہ ڦاڙ. ڏيءُ جي شاديءَ ۾ شادمانو نہ ڪر تہ اڪوئي نہ ڪر. مان وڃان ٿي. پر هڪ ڪڙڪ ڪڙڪ ڳاڙهو سَوَ جو نوٽ تہ ڏي.
پوپٽ خان: ڪهڙي خوشيءَ ۾؟
ڪڏڻو: چون ٿا، سڄو فوڊ ڪاتو ڪائي ڪروڙ پتي، ارب پتي ٿي ويو آن. ٻڌاءِ، الله ڏي بہ هلڻو ٿئي يا نہ، جو خوشبو فقير کي ڇڙو سئو رپيو خيرات جو ڏيندي بہ ڪيبائين ٿو ۽ پچين ٿو تہ ڪهڙي خوشيءَ ۾؟ (تاڙي وڄائيندي) توبهہ، همڙا ملعون بہ جڳ ۾ جيئن ٿا، افسوس!
پوپٽ خان: تون ائين نہ ويندين نہ.
پوپٽ خان عرف ست رنگي ائين چئي خوشبو ڪڏڙي ڏي تہ ڪڙو

وڏي اچي ٿو ۽ ڏڪا ڏيندي چويس ٿو
پوپٽ خان: هل...هل...نڪر...
کدڙو: مونکي ڏڪا نہ ڏي. ڇڏ مونکي ڇڏ، نہ تہ مان جھڙي ٻي ڪا ٻڇڙي کونہ ٽيندئي.
پوپٽ خان: (ٻاھرين دروازي ڏانھن ڏکيندي) موڪل ٿئي. وڃي کاھِ، جاتي کاھِڻي ٿئي.
پوپٽ خان عرف ست رنگي خوشبو کڙڙي کي ساڃي دروازي تائين گھلي وڃي ٿو تہ خوشبو کيس اندر ڏکو ڏئي ٿو
کدڙو: خدا ڪندو تہ ڪِنو ٿي مرندين. لاش ۾ ڪينئان پوندئي بي ترس، بي قياس.
پوپٽ خان عرف ست رنگي ڏکي اڇ سان ڏوکري اچي وچ ڪمري ۾ ڪري ٿو. کانئس رڙ نڪري وڃي ٿي
پوپٽ خان: ائيلي ڙي.
پوءِ آھستي آھستي اٿي ڪپڙا ڇنڊيندي پوپٽ خان عرف ست رنگي چوي ٿو
پوپٽ خان: توبھ ايڏي طاقت! ڪو پھلوانُ ھو الائي ڇا، الله پڇندس.
ساڃي در مان اندران شھناز اچي ٿي
شھناز: وري ڇا ٿيو؟
پوپٽ خان: ھڪ خواجہ سراءِ کي خيرات نہ ڏنم تہ پٽيائين پئي. ڏڪا ڏئي ٻاھر ڪيڙومانس تہ اھڙو ڏکو ڏئي ويو، جو ڏُو اچي وچ ڪمري ۾ ڪيم. ڏري گھٽ پاسراٽي وئي ھئي.
شھناز: تون بہ ڏئي جند ڇڏائينس ھا نہ.
پوپٽ خانُ: اڙي، ڪو رپيو بہ گھري ھا تہ ڏيڻ تي ڪَسُ ڪائڻ جو سوچيان بہ ھا، پورا سئو رپيا پئي گھريائين!
شھناز: سئو ڇو؟
پوپٽ خان: بس پيٽ پرائي. الائي ڪنھن ٻڌايس تہ مان ڪروڙ پتي، ارب پتي آھيان. تڏھن ڊيڊ ٽي بيھي رھيو.
شھناز: تون چوينس ھا نہ سِڌو تہ، خيرات نہ ڏيندوسانءِ. باقي ڏيءُ جي

شاديءَ ۾ اچي ناچ گانو ڪجانءِ ۽ پوءِ جيڪا گهورَ ٿِيَئي، سا ڪٽي ويجانءِ.

پوپٽ خان: ناچ گاني جو ئي ته چيائين پئي، پر مان جواب ڏنو مانس، نٿ.

شهناز: چو جواب ڏنسي؟

پوپٽ خان: اڙي، ڏيءُ جي ڪاج ۾ ان جو ناچ!؟ ماڻهو ڪو چگُو چوندا چا؟

شهناز: چو؟ چو چگُو نه چوندا؟

ڪيميرا مهناز کي ساڃي دروازي مان اندر ايندي ڏيکاري ٿي

مهناز: وري چاتي بحثا بحثي آ؟

شهناز: اڳهوٽي هڪ خواجي سراءِ آيو هو. جنهن پڻهين کي شاديءَ جي ڪاج ۾ ناچ گاني جو چيو ته جواب ڏئي ڇڏيائينس.

مهناز: انهن جو ناچ گانو سنو ته هوندو آ. الا، ڪيڏو نه مزو ڪندا آهن.

پوپٽ خان: ڪو مزو ناهن ڪندا. خلقون ڪلائيندا ۽ چگُن مڻن جي پٽڪن کي پريي راج ۾ ڏوڙ ڪندا آهن. انڪري ڪو ضرور ناهي اهڙي ناچ گاني جو.

مهناز: چگُو، جيڪا تنهنجي مرضي بابا، هرو پرو اهو ناچ گانو ايڏو ضروري بہ ناهي. امي، نٿو چوي، ته نہ ئي سهي. اَمي، هاڻي هل ته ريشم گليءَ مان درزيءَ وٽئون شاديءَ وارو وڳو ڪٽي اچئون.

شهناز: شام جو نه هلئون؟

مهناز: نہ، شام جو مونکي پنهنجي سهيلي حِرا جي برٿ ڊي پارٽيءَ ۾ ويڃڻو آ. انڪري هل ته اهو خفو ساجهر ڇڏائي اچون.

شهناز: هل پلا.

مهناز: ڪرايو؟

شهناز پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ سان مخاطب ٿئي ٿي

شهناز: سئو رپيا ڪرايي جو ڏي.

پوپٽ خان: هن مهل ته ڪونهن. اهي پنج هزار ئي هئا، جيڪي ڇاتي

پڳو گلابُو ڪاسائي ڪات جي زور تي ڦر ڪري ويو.

شهناز: سيف مان ڪيڊي ڏي.

پوپٽ خان: سيف هن محل نہ ڪوليندس. صبح جو ڪوليم تہ پنج هزار تيلُ ٿي ويا. انڪري اڳتي رات جو ڪولبي، رات جو بند ڪبي، اڳي وانگر. جيئن مالَ جو جبلُ جمندو وڃي. ڇيٽا ڪاڻيون ٿي سڙندو ٻرندو نہ وڃي.

شهناز: تہ اسان ڪرايو ڪنهن کان ونون.

پوپٽ خان: پاڙي مان ڪنهن نہ ڪنهن کان اڌارو ورتيون وڃ. رات توکي ڏئي ڇڏيندس. اوڏر جي ماءُ ڪونہ مُئي آ.

مهناز: اسان تنهنجي چوڙ تي ان اوڏر لاءِ پاڙي وارن کي ايترو تہ تايو تپايو آ، جو هاڻي ڪنهن جي گهر ڪنهن ٻئي ڪم سان ٻہ وڃڻ ٿيون تہ ڪو ڪيڪاري پاڻيءَ جو گلاس ٻہ ڪو نہ ٿو پيئاري.

پوپٽ خان: پلا، پنڌ چڪر ڏئي اچو. ريشم گلي ايتري پري تہ ڪونهي.

شهناز هلندي پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ کي ڪراس ڪري سيف ڏانهن وڌي ٿي تہ پوپٽ خان عرف ست رنگي رڙ ڪندي چوي ٿو

پوپٽ خان: متان سيف کولي ٽئي، متان...

شهناز سيف کولي سَوَ سَوَ جي نوٽن جي ٿهيءَ مان هڪ سَوَ جو نوٽ ڪيڊي سيف جو در زور سان بند ڪري موٽي ٿي ۽ ڪاوڙ مان پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ ڏانهن ڏسندي چوي ٿي

شهناز: پئسا ڏسي ڇتو تہ ٽئين ٿو. اڙي، سخي ۽ شُوُمَ جو ٻارهين مهيني جو حساب برابر جو هوندو ٽئي، برابر جو. پر، اها ڳالهہ توکي الائي ڪڏهن سمجهہ ۾ ايندي.

پوپٽ خان: پنهنجي اها سمجهہ رَئي جي پلوَ ۾ ڳنڍ ڏئي ٻڌي ڇڏ. مونکي انهي جي ضرورت ڪونهي.

شهناز: ماڻهن جون اهي اوڏرون ڪائي ڪائي چريو ٽيندين. مَتِ موڪلائي وئي اٽئي.

مهناز: امي، هاڻي سئو رپيو ڪنيئي نہ، ڇڏ بحث ڪي. اچ.

شهناز ۽ مهناز هلنديون ڪاپي دروازي مان ٻاهر نڪري وڃن ٿيون تہ پوپٽ خان عرف ست رنگي پنهنجي منهن ٻڌڪندي ڪرسيءَ طرف وڌي ٿو

پوپٽ خان: اڄ ڪو ڏينهن ئي نياڳو آ الائي ڇا. هر گهڙي تيلي ڏيون، ڪوئلو ڪيون ٿي وڃي. مولا ڪا ٻاجهه ڪر. پنهنجي پوپٽڙي ست رنگي فقير کي هنن ٻہ مُنهنين بلائن ۽ آفتن کان بچاءِ. حقئون ٻہ رک، ناحقئون ٻہ رک.

استيج تي سيل فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي ٿي. پوپٽ خان عرف ست رنگي پلنگ جي پاسي کان رکيل فون سيٽ کڻي آن ڪندي ڳالهائي ٿو

پوپٽ خان: هيلو....هاها، سيٺ شهزادو خان....جي جي... شاديءَ جي ڪپڑن جا رهيل پئسا... بلڪل بلڪل... سونَ جهڙا... اڪين سان ملندئي... رڳو هڪڙو مهينو صبر ڪر... پاڻ اچي ڏئي ويندوسانءِ... حڪم آ تنهنجو... برابر ٻن ڏينهن جو چئي آيو هوس. پر اوچتو گهرواريءَ کي جهٽڪو اچي ويو...ويچاري صفا پتيءَ پئجي وئي... ٻن ڏينهن ۾ تون پاڻ وينو آن تہ پورا اسي هزار خرچ ٿي ويا... خدا شل حاڪمن ۽ حڪيمن ۾ ڪنهن جو ڪم نہ وجهي... الا، منهنجي زاري... ڏئي ويندس... ڏئي ويندس... خاطري ڪر... اوڏر جي ماءُ جيئري آ... ڪونہ مري وئي آ، جو ايترو دلگير ٿو ٿئين... پنجاهہ هزار هن تہ پنجاهہ ئي ملي ويندئي... ڪونہ ميري ٿيندي تنهنجي پائي ٻہ...ها...

پوپٽ خان عرف ست رنگي ائين چئي فون بند ڪري ٿو تہ بيل وڄي ٿي.

پوپٽ خان: ڪير آ بابا، اچ، اندر اچ.

ڪيميرا پوڙهي ڏٽي بخش کي نوجوان نورل جي سهاري منڊڪائيندو اندر ايندي ڏيکاري ٿي

نورل: ٻيلي پوپٽ خان عرف ست رنگي، مان الله جو نانءُ وني آيو

آهيانءِ. منهنجي سيڊي جا پنجٽيهہ هزار مونکي ڏي. مان سينين ۾ وياجين جو قرضي ٿي ويو آهيان. انهن کي موتائڻا هِن، نہ تہ منهنجو دڪان بند ٿي ويندو. ٻچا بک تي ويهجي ويندا.

پوپٽ خان: تو سيڊو ڏيڻ بند ڪيو، معنيٰ وهنوار ٽوڙيو. جي اهو چالو هجي ها تہ ٻہ تي ٻہ تي هزار ڪري وهندو ويجانءِ ها. پر هاڻي جيئن تہ مان ٻئي دڪاندار سان وهنوار رکيو آ، ٻيو ڪجهہ ڏينهن ۾ ڏيءُ جي شادي ٻہ آ. ڇهن مهينن کان پوءِ اچي ڳالهائجانءِ.

نورل: اڙي ادا، اهو تہ ڏاڍ آ. سڊو سنئون ناحق آ. منهنجا پيٽ ڪاڏي جا پئسا ٽئي، مٽان الله ٻہ ڏسئي ٽو.

پوپٽ خان: مان ڪو ڪايون تہ ڪونہ ٽو ويجانءِ نہ. حاضر ڏيندس. ضرور ڏيندس.

نورل: اها ٻولي تہ تنهنجي ڪُٽي ئي ڪونہ ٽي. پريا ٽي سال ٽي ويا آهن. هڪ پائي ٻہ تِريءَ تي ڪونہ رکي ٽئي. پَرَ گوڏن جي سورَ ۾ مبتلا ٽيس. ڪراچيءَ تائين وڃي پهتس. پويان زال نياڻيون ميڙ ڪري آيئي، پر احساس نہ ٿِيُئي. نيٺ جهاڳي جهاڳي چڙهيس. ايان ٻہ روحَ ۾ رحم ڪونہ ٽو پوَئي، خبر ناهي ڪڏهن ڏينڊين.

پوپٽ خان: اجائي هيڊي ساري تقرير ڪري وئين. مان چوان ٽو نہ تہ ملي ويندئي، ملي ويندئي. هيئن دانهون ڪري پاڻ تي ماٺهو نہ ڪلاءِ.

نورل: ماٺهو مان ٽو ڪلايان پاڻ تي؟!

پوپٽ خان: ٻيو نہ تہ. بابا، تون جيڪو گڏ آيو آهينس، تون ئي سمجهائيس.

پوپٽ خان عرف ست رنگي ڏٽي بخش سان گڏ آيل نورل سان مخاطب ٽيندي چوي ٽو

نورل: ڪاڪا، ٽورو تون ٻہ تہ مسڪين تي قياس ڪر نہ. ويچارو ڏئي وٺي ٻينو آ. وياجي الڳ ٽا پٽنس تہ سينيون الڳ. گهٽ ۾ گهٽ هزار ٻہ ئي ڏئيس.

پوپٹ خان: تون اسانجي وچ ۾ هئين يا ضامن پيو هئين، جو ائين ڦر ڦر ڪري فضول ڳالهائي وئين. پهرين ڳالهه ته تون هتي آيو ڇو آن؟ نڪرُ. هن مهل جو هن مهل نڪرُ منهنجي گهر مان، ته پوليس کي فون ڪري چور ڪري نه ٻڌرايانءِ.

نورل هڪ ڀرپور ڪاوڙيل نظر پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ تي وجهي پوءِ ڏٽي بخش ڏانهن ڏسندي چوي ٿو.

نورل: چاچا ڏٽي بخش، مان هلانءِ ٿو. اجايو تنهنجي منٽ مجي توکي سهارو ڏئي هتي آيس. پنهنجو جهيڙو بيگناهه ٿو منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهين.

پوپٽ خان: هل نڪر... نڪر... نڪر.

نورل: ڪجهه هوش سنڀال. هن توکي چيو ڇا، جو ائين آپي مان نڪري ويو آن.

پوپٽ خان: هل تون پڻ هن جي ڪيڙ. وري هتي آئين نه ته ڏوڙ مٽي ۾ وجهي بچڙو ڪري پوليس جي حوالي ڪندوسانءِ.

ڏٽي بخش: مان نه ٿو پڇي سگهانءِ ته الله پڇندئي. ان جي ذات وڏي ٿئي. رت ٻاهي مرندين. هيڏي دنيا ۾ ڪوئي به ويجهو نه ايندئي.

پوپٽ خان: اڙي، هل، آهين به پهتل جو پٽ، جو تنهنجي پِتَ وڙهندي.

ڏٽي بخش ساڳي طرح منڊڪائيندو نورل جي سهاري هلندو ساڃي در مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

پوپٽ خان: اڄ واقعي به ڪو ڏينهن سنو ناهي، جو صبح کان وڻي جزائون ئي جزائون ٿيون مٽي لڳن. وڃي ٿو بلڊ پريشر چڙهندو. گوري کائڻ به وساري وينو آهيان. اڳ ۾ ته اها کائڻ گهرجي. ها.

پوپٽ خان عرف ست رنگي سيف طرف وڌي ٿو ته ڪاٻي دروازي مان سندس نوجوان پٽ زاهد اندر اچي ٿو. جنهن کي ڏسي پوپٽ خان عرف ست رنگي ساٽس مخاطب ٿئي ٿو

پوپٽ خان: سج ڪيڏو مٽي چڙهي آيو آ. تنهنجي نياڳ واري ننڊ وڃي هاڻي پوري ٿي آ. ڪاليج ته وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو اٿئي. پڙهندين نه ته گڏهه چاريندين ڇا؟

زاهد: توهانجو مونسان روئيو ڏاڍو خراب آ بابا. هر صبح جو اٺ سان جيستائين پنهنجي لفظن جي وِڇُن سان ڏنگيو نٿا، نيرن ئي هضم ڪونہ ٿي ٽِئيوَ.

پوپٽ خان: ڏنگيانءِ مان ٿو. پنهنجا افعال ڀي تہ سڌار نہ. رات جو دير دير تائين ڪاليج جي ڪتابن بجاءِ ادب ۽ شاعريءَ جا الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پيو ٿو پڙهين. اسانجا تہ سڀ خواب ڏوڙ ڪري ڇڏيئي.

زاهد: جيڪو ڳالهائڻو اٿو، پلي ڳالهائي ونو. پوءِ جي پڇڻ ضروري سمجهو تہ جواب ڏيانوَ، نہ تہ بس.

پوپٽ خان: ڇا پڇانءِ؟ ٻڌاءِ، ڪهڙي منهنجي دل ناري ٽئي. پڙهائيءَ جو اٽئي ڪو پئسي جيترو بہ خيال؟

زاهد: پڙهائيءَ جي معاملي ۾ توهان بہ تہ ٻڌايو، چيومانوَ تہ ڪا سني ٽيوشن رکي ڏيو، تہ ڏوکڙ مِنا ڪري هڪ ڪَنَ ڪان ٻڌي، ٻئي ڪان ڪيڏي ڇڏيوَ. پر پوءِ بہ مون وسان ناهي گهٽايو. امتحان ٽين تہ رزلٽ ڏسي پوءِ چئجو تہ پڙهائيءَ ۾ خيال آهي يا نہ. باقي ادب ۽ شاعريءَ جا ڪتاب هر پڙهيل ماڻهوءَ کي ضرور پڙهڻ گهرجن. نہ تہ دماغ جي هڪ حصي واري عقل کي سدائين تالو لڳل هوندس.

پوپٽ خان: ڪورس کانسواءِ ٻيو هر ڪتاب وقت جو زيان آ. جنهن کي عقل جا گٽل ئي پڙهندا آهن ۽ پوءِ جڏهن مقابلي جو وقت ايندو آهي تہ ڪورس پڙهندڙن کان اهي گهٽو ئي پوئتي رهجي ويندا آهن.

زاهد: مان وڃان ٿو هڪ دوست کان مئٽ جي ڪاپي ونڻ. جيڪا فوٽو ڪاپي بہ ڪرائڻي آ. انکري ٽي سئو رپيا ڏيو.

پوپٽ خان: ٽي سئو رپيا!؟

زاهد: ها.

پوپٽ خان: ٽيهن چاليهن وارو ڪو نوٽ بڪ ونڻي ان ۾ اتارِ.

زاهد: ان سان ٽائيم گهٽو زيان ٽيندو ۽ امتحان صفا مٽان اچي پيا

آهن.
پوپٽ خان: ڇگو، حالي ڪنهن کان اڌارا وٺ. پهرينءَ تي پينشن ملندي تہ ڏئي ڇڏيندوسانءِ.
زاهد: مان ڪنهن کان بہ اوڌر نہ گهرندس.
پوپٽ خان: ڇو؟
زاهد: اوڌر گهرڻ معنيٰ ٻنڌ. ٻين جي نظرن ۾ ڪرڻ ۽ پنهنجو عزت نفس مجروح ڪرڻ.
پوپٽ خان: واهہ ڙي واهہ منهنجا صدورا پٽ. ۽ هي جو هيڏوسارو جهانُ اوڌر تي ٿو هلي تہ اهي سڀ پينوُ آهن؟
زاهد: پينُن کي ٻيا سگ ٿيندا آهن ڇا؟
پوپٽ خان: ائون هي هر ڇگو پلو جو، قرض تي هلندو ٿو اچي، تہ ان کي ڇا چوندين؟
زاهد: مان ڪجهہ چوان نہ چوان. دنيا کي تہ اکيون آهن. اوهان بند ڪري ڇڏيون آهن تہ اوهان جي مرضي.
پوپٽ خان: بَڪَ نہ ڪر. ڏاهہِ پيرَ، هل.
زاهد: ويجانٽو. تي سئو رپيا ڏيو.
پوپٽ خان: يار، تو مان ڇگا ڦاڙاسين.
پوپٽ خان عرف ست رنگي بگڙيل چهري سان سيف ڪولي ٿو. ان مان تي سَوَ سَوَ جا نوٽ ڪڍي زاهد کي ڏئي ٿو.
پوپٽ خان: اچي وٺ. پر هاڻي امتحانن تائين ٻي پائي بہ نہ گهرجانءِ.
زاهد: مان ساهہُ کڻڻ بہ ڇڏي ٿو ڏيان. بس نہ.
پوپٽ خان: تون تہ ڪالهائڻ جهڙو ئي ناهين. تربيت تہ پلي ڪئي هئي مانءِ. خبر ناهي ڪنهن جو واءُ لڳو ٿئي، جو جيئن جيئن وڃين ٿو وڌو ٿيندو، ارڪانَ وڃني ٿا موڪلائيندا.
زاهد: ارڪانَ منهنجا خراب ناهن بابا، خدا جي واسطي توهان پاڻ کي درست ڪريو. ڪنهن کان اوڌر نہ گهرو. نہ وڃي اها ڦٻايو، جو ٻاهر ماڻهن توهانجو نالو ئي اوڌر جي ماءُ رکي ڇڏيو آ.
پوپٽ خان: ماڻهن نہ، مونکي لڳي ٿو تہ تو رکيو آ. پر اها نصيحت

ڪرڻ کان اول اهو نہ وسار تہ منهنجي پٽيان منهنجو وارث تون ئي آهين. ڏيءُ تہ وڃي پرائو گهر وسائيندي. مان هي سيکجهہ تولاءِ ئي ڪنو ٿو ڪيان. فقط تولاءِ. انڪري مکڙ پئي مٿو نہ سَڙئي.

زاهد: مونکي وراثت ۾ ڏيو تہ عزت ڏيو. مان ڪٽي ٿو چوان تہ هيڏيون خواريون ڪٽي مونلاءِ نوٽن جا نانگ ڪنا ڪريو. پنهنجي اِها عادت تبديل ڪريو بابا. عمر الائي ڪيتري بچي اٿَو. ڪجهہ عزت ڪمايو.

پوپٽ خان: اهي ليڪچر ڪنهن ٻئي کي ڏي. نَڙُ اکين اڳيان. هل.

زاهد ڪنڌ هيٺ ڪري ساڃي دروازي مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.

پوپٽ خان عرف ست رنگي پنهنجي منهن ڳالهائيندي ڪرسيءَ تي وڃي ويهي ٿو

پوپٽ خان: چورو ڳالهائي تہ ڪيئن ٿو. ڇڙ پيءُ ئي منهنجو هجي. سندس مٿو خراب ڪرڻ ۾ انهن ادبي ۽ شاعريءَ وارن ڪتابن جو ئي عمل دخل آ. نہ تہ زال ۽ ڏيءُ بہ تہ آهن نہ، ڪڏهن نہ مونکي چيائون تہ هيئن چوٽو ڪرين، هونئن چوٽو ڪرين. هر حال ۾ ها ملايون ٻيئيون هونديون آهن. ڪاٽي ٻڌڻ لڳندو آهيان تہ بچائڻ جا جتن ڪنديون آهن. پر هي الائي ڪنهن تي ويو...

ساڃي دروازي مان مرداڻو ٻاتو آواز اڇي ٿو

ٻاتو آواز: شائين، پوپٽ کانَ شت رنگي ووءِ.

پوپٽ خان: (پنهنجي منهن) وري ان مراد موچيءَ مان اڙجي وياسين. خير، اڇڙ ڏئيس. هٽانس ٿو هٽ جي، تہ پکي بنجي اڏندو ويندو.

پوپٽ خان عرف ست رنگي ڪرسيءَ تان اٿي ٿو ۽ ساڃي دروازي ڏانهن منهن ڪندي چوي ٿو

پوپٽ خان: هليو آ مراد موچي، هليو آ.

اڏڙوٽ مراد موچي ڏاڙهي وڌيل، مٽي تي رومال ٻڌل، گوڏ ۽ صدريءَ ۾ ملبوس کي ڪيميرا اندر ايندي ڏيکاري ٿي

مراد: (ٻانهون ٻڌي سلام ڪندي) باشاهيءَ جو ڪير بابن پوپٽ کانَ شت رنگي. ڪُشِ آن ني؟

پوپٽ خان: بلڪل خيرُ خيرُ مراد موچي، تون پي خوش آن نہ؟

مراد: مالڪ جون ميربانون هِن. مونکي سکي لال شاباز جي ميلي تي وڃنو آ. بوٽن جي پالس، سيندلن ۾ جُتِن جي توپي تڳي جا بن سالن جا رهيل تيويهہ سَئو ڏي فتافت، تہ مان رات شوُ ڪري پُوڄان لال تي.

پوپٽ خان: مراد موچي، پڄي وڃ. هاڻي ٽڪو ڪونهئي مونوٽ. ڏيءُ جي شادي گذري، پوءِ کوڙ ڏوکڙ.

مراد: نہ پوپٽ کانَ شت رنگي شائين، مونکي لال تي پُتَ جي پات ڪتيءَ جي ٻہ لاهني آ. شو ڪيئن ٻہ ڪري دي. بن سالن کان دُتا ديندو آيو آن. اَجُ دي.

پوپٽ خان: ڪونهن نہ.

مراد: قشم ٽي مولا جو.

پوپٽ خان: اڙي، قسم چو ٿو وجهين. شادي گذري تہ حاضر نہ.

مراد: شاديءَ سان مان بدل نايانءِ. مونکي دي. مان تَپَلَ بَدي آيو هان.

پوپٽ خان: ٻڌي آيو آن تہ ٻڌل هجني ٽپڙ. ٻي دفعي وڃجانءِ.

مراد: ڪري ٿا ٿو. دي ادا، دي. ڪِلِ ڪِلِ نہ ڪَل. اگ کولَ دفا موتايو ٽي، اڄ دي، نہ تہ...

پوپٽ خان: نہ تہ ڇا ڪندين، ڪُهندين؟

مراد: تہ، شفا جباب تو دِئين نہ؟

پوپٽ خان: ها ها صفا جواب. ٽڦ جواب.

مراد: تہ، بيهہُ بلا اِتي تہ ديکالان توتي ٻہ دِينهن دا تالا.

مراد موچي ساڃي در ڏانهن منهن ڪندي رڙ ڪري ٿو

مراد: ڪُسبوُ فقيل شائين، الي آ. بي ڏَلِڪو اَلي آ. هَنُ ڏتلَ تي اَتو. ڪَليس قَشِلي.

ڪيميرا کدڙي فقير خوشبو کي ڇڪيءَ ۾ لڙڪيل دهل وڄائيندو ۽ گيت ڳائيندو ساڃي در مان اندر داخل ٿيندو ڏيکاري ٿي

کدڑو: مري مري وئي، برف جان ڻري وئي...اوڏر جي ماءُ مري وئي...اوڏر جي ماءُ مري وئي...مري وئي، مري وئي...

پوپٽ خان: (غصي ۾) هي ڇا جي بدتميزي آ؟ بند ڪيو اهو بي سِرو گيت.

کدڑو: (دهل کي روڪيندي) سئو رپيو خيرَ جو نہ ڏنئي موذي، هاڻي ڏِسُ هي پنهنجي عزت جو جنازو.

مراد: دي مونجا تيويهہ شئو. فتافت فتافت، نہ تہ هي ڪُسبو فقير شائين گهلَ جي دَلَ تي دولَ وجائي ايلو بدنام تندئي، ايلي ڦشلي تندئي، جو گهلَ ڪان بال ئي نہ نِتلندين. شفا گهلَ ۾ دَلي توئلو تي ويندين.

پوپٽ خان: بڪواس بند ڪر.

کدڑو: (دهل وڄائيندي) مري وئي، مري وئي، مري وئي، برف جان ڻري وئي، اوڏر جي ماءُ مري وئي... اوڏر جي ماءُ مري وئي...

پوپٽ خان: (هينانهين ونندي) روڪ اهو دهلُ فقير ۽ ادا مراد موچي، هڪ منٽ منهنجي ڳالهہ ٻڌ.

دهل جو آواز ڏيمو ٿئي ٿو

مراد: بي دال نہ، پيشا دي. تيويهہ ٽَئو پولا.

پوپٽ خان: ٻڌ مراد موچي، هيئن غير قانوني طريقي سان تون قيامت تائين مونکان اوڏر جو هڪ رپيو بہ اڳاڙي نہ سگهندين. انڪري سنو ان ۾ ٿئي تہ موٽي وڃ ۽ وڃي منهنجي ڏيءُ جي شادي گذرڻ جو انتظار ڪر. اجايو مونکي آپي مان ڪڍي پوليس گهرائڻ تي مجبور نہ ڪر.

مراد: بلي ڏلاءِ پليش. ڪُسبوُ فقيل شائين نہ ويندو. ٽا بہ ڪَل

کدڑو: (دهل وڄائيندي) مري وئي، مري وئي، مري وئي، برف جان ڻري وئي، اوڏر جي ماءُ مري وئي... اوڏر جي ماءُ مري وئي...

پوپٽ خان: روڪيس ادا، پائو، روڪيس. (ڪجهہ سوچيندي) پلا، ٽي سئو هاڻي جو هاڻي ڏيانءِ، باقي بہ هزار پوءِ.

مراد: تيدي پائي بہ ڏَتِ نہ ٽيندئي. اَنا، ٻيا ٽَوَ ٽَوَ جا تي نوت ڪُسبوُ فقيل

شائينءَ کي ٻہ ڏي اَتنَ جا ءِ دولَ جا، نہ تہ اَشان اِتيئي هون. بَلي ٽَلِقَ ٽِلي توتي.

کدڙو: (ڏهل وڃائيندي) جن ڇڏئي، پوتُ ڇڏئي، مان نہ ڇڏيندياسانءِ، الا مان خواب ۾ ايندي سانءِ...

پوپٽ خان: مونکي پريشان نہ ڪيو. الله کي مڃو. بند ڪيو اهي ڏهل دماما.

کدڙو: (ڏهل تان هٿ کٽي تاڙي وڃائيندي) ٻُڏُ او پوپٽ خان ست رنگي سمٿا، هاٿي ڦاٿو آن (ڏهل وڃائي ڇڏائيندي) ڦاٿو آن...ڦاٿو آن... ٻہ ٽنگو ڦاٿو آن... مري وئي، مري وئي، اوڏر جي ماءُ مري وئي...برف جيان ڳَري وئي..مري وئي ، مري وئي..

پوپٽ خان: چگو ٻلا ٻائو مراد، منهنجي مڃ اڏ ٻئسا وٽ مونکان، باقي اڏ ءِ خوشبو فقير جا ٻہ ٽي سئو شاديءَ کانپوءِ دڪان تي ملي ويندئي. پاڻ اچي ڏئي ويندوسانءِ. هيڏي اچڻ ءِ هيئن بوهيارو ڪرڻ جي تڪليف ڪونہ ڏيندوسانءِ.

مراد: اشلي نہ. شَبُ دي. مِنتُ ٻہ ڪونہ شَلينڈو سانءِ.

پوپٽ خان: (بيوسيءَ مان) الله، تہ ڪيئن مڃيندين ؟

مراد: شَبُ دي. هل هل، ٽول شيف کي. ٽول.

پوپٽ خان عرف ست رنگي سيف طرف وڃي ٽو. اتان نوٽ ڳڻي ڪٽي اچي پيلي منهن سان مراد موچيءَ کي ڏيندي چوي ٽو

پوپٽ خان: ڳڻي وٽ ادا مراد، ٽيويهہ سئو ئي اٽئي. رپيو ٻہ گهٽ ڪونهئي.

مراد: (نوٽ ونندي) ڏَتِ اُوندا تہ توشان بي پُتَ، ڏَتِ نہ ٽيندي هاني. مونشان ڪُسبُو فقيل شائين دَڏ آ.

پوپٽ خان عرف ست رنگي کدڙي فقير خوشبو وٽ اچي ٽو

پوپٽ خان: وٽ فقير تون پي پنهنجا ٽي سئو. پر ٻيلي، مان ننڍڙو مسڪينڙو پوپٽ خان عرف ست رنگي فقير آهيانءِ. مون وٽان مليل انهن ٽن سَونِ مان ڪيترا ڏينهن ڪائيندين.

کدڙو: تنهنجي مشوري جي مهرباني پوپٽ خان عرف ست رنگي، مون

هيءَ مُهم سِواءِ توکان انتقام جا ٿي سئو ونڻ جي، باقي بنا لالچ جي شروع ڪئي آ. جن بہ ڪنهنجي ڪا اوڏر ڪاڏي آ، هاڻي هن دهل جي ڦشريءَ ۽ خواريءَ واري ڪوڙڪيءَ ۾ ضرور ڦاسندا ۽ ونندڙن جي ٽيڊي پائي بہ ميري نہ ڪندا.

ڪال بيل جو آواز اچي ٿو

پوپٽ خان: ڪير آ بابا، اچ، هليو اچ.

ڪيميرا ڏٽي بخش کي منڊڪائيندي اندر ايندي ڏيڪاري ٿي.

جيڪو ڪدڙي فقير خوشبو سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو

ڏٽي بخش: او خوشبو فقير سائين، (پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ ڏانهن اشارو ڪندي) هن بلا جي واتَ مان منهنجو قرض بہ ڪڍي ڏي. ڏيوالي ۾ اچي ويو آهيان. دعائون ڪندوسانءِ ۽ حال سارو ڪميشن بہ ڏيندوسانءِ.

ڪدڙو: ڪميشن مونکي نہ ڪپي. مان بنا لالچ جي هي دهل هٿن ۾ ڪنيو آ. ٻڌاءِ، ڪيترا ٿسي؟

نورل: پنجٽيهہ هزار.

ڪدڙو: (دهل وڄائيندي) مري وئي، مري وئي، اوڏر جي ماءُ مري وئي... اوڏر جي ماءُ مري وئي...

پوپٽ خان: (ڪدڙي کي ٻانهون ٻڌندي) ادا، هي منهنجي ٻانهن ڏي ڏِسُ، دهل نہ وڄاءِ. نہ تہ گهر ٻاهران خلقون گڏ ٿي ويندیون.

ڪدڙو: (دهل تان هٿ ڪڍندي) تہ، ڏي نہ هِنَ کي بہ هِنَ جا سمورا پئسا.

پوپٽ خان: هن جا ايترا ناهن ، جيترا چوي ٿو.

ڏٽي بخش: (هڪ اک تي پنج ئي آڱريون ملائي رکندي) هي مونکي پنهنجي نورَ جو قسم آ، پنجٽيهہ ئي هزار ٿس پيٽ ڪاڏي جا. ڪوڙ ڳالهايان تہ الله قبر نصيب نہ ڪري.

ڪدڙو: (دهل وڄائيندي) مري وئي، مري وئي، برف جان ٺري وئي، اوڏر جي ماءُ مري وئي... اوڏر جي ماءُ مري وئي...

پوپٽ خان: (بيوسيءَ مان وڏي آواز ۾) بند ڪر دهل، بند ڪر. ڏيانس ٿو هن کي بہ، بس نہ.

پوپٽ خان عرف ست رنگي سيف ڏانهن وڌي وڃي ٿو ۽ اها کولي نوٽ ڳڻي اڇي ٿو ته وري ڪال بيل جو آواز اڇي ٿو

ڪڏڙو: (ساڃي در ڏانهن منهن ڪندي) هلي آ ادا، ڪير به آن، هلي آ.

پوپٽ خان عرف ست رنگي ڏٽي بخش کي پئسا ڏئي ٿو ته گلابُو ڪاسائيءَ کي گاگُوءَ سان گڏ ڪيميرا اندر ايندي ڏيکاري ٿي. گلابُو به ڪڏڙي فقير خوشبو سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو

گلابُو: خوشبو فقير، منهنجو ڳَهو پي چاڙهِ. ڇئونڪ تي مراد موچي ۽ ڏٽي بخش هٿ واري جي تنهنجي هٿان (پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ ڏانهن هٿ ڪٽندي) دهل وڄائي هنَ اوڏر جي ماڻُ وٽان اوڳاڙيءَ جي ڳالهه ٻڌم، ته ڪاتُ رکي هليو آيس. سو، منهنجا ڇهه هزار به پرامن طريقي سان ونڊي ڏي، ته ڇانهه پاڻيءَ جا مان به ٻه ٽي رپيا ڏيانءِ ٿو.

گاگُو: ها خوشبو فقير، استاد گلابُو ڪاسائي ضرور آهي، پر قول اقرار جو پڪو آ. تون رڳو باقي رهيل ڇهه هزار هن اوڏر جي ماڻُ مان ڪڍي ڏئينس، ايترا ڏيندئي، جو خوش ٿي دعائون پيو ڪندينس.

ڪڏڙو: مونکي لالچ جون لوليون نه ڏيو. مان بي طمع ٿي هن کان ۽ پوءِ سينڊي اوڏرون کائيندڙن کان ڇڪي اڳاڙي ڏيندس ماٺهن کي. ڏسجو وينا.

گاگُو: شاباس، ڪماءِ اِها نيڪي.

ڪڏڙو: (پوپٽ خان عرف ست رنگيءَ ڏانهن قهر آلود نظرن سان ڏسندي) ڏئينس ٿو ڇهه هزار گلابُوءَ کي به يا وڃايان دهل؟

پوپٽ خان: ڏيانس ٿو بابا، اکين سان ڏيانس ٿو. هي دهل ٻُڌي ڪهڙي مجال آ، جو نه ڏيانس. حاضر، منهنجا وڏا به ڏيندس.

پوپٽ خان عرف ست رنگي مئل قدمن سان سيف ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو

گاگو: واهَ خوشبو فقير، واهَ. واهَ جو ماريُئي هن اوڏر جي ماڻُ کي.

ڪڏڙو: اهو منهنجو نه هن دهل جو ڪمال آ.

پوپٽ خان عرف ست رنگي سيف مان پئسا ڪيڊي هلندو اچي گلابُو ڪاسائيءَ کي ڏئي ٿو ۽ ڪڙي فقير خوشبو کي منٽ واري انداز ۾ ٻانهون ٻڌندي چوي ٿو

پوپٽ خان: منهنجي خطا بخش خوشبو فقير، توکي جيڪو رنج پهچايم، ان جي هيءَ سزا اهڙي ڏني ٿئي، جو منهنجيون يعني پوپٽ خان عرف ست رنگي فقير جون ست ئي پيڑهيون توکي ياد ڪنديون. پر ٻيلي، رهيل عزت جو جنازو وڌيڪ نه ڪڍجانءِ ۽ ڪنهن سان به پنهنجي هن ڪيل ڪارنامي جي ڳالهه نه هُلائجانءِ. مان ٻين رهيلن جي اوڙ ۾ ڏئي ٿو اچانِ هاڻي ئي. ها، هاڻي ئي...

ڪڙو: او ائين، اِتي اڇُ نه. جَڳ ڇڳو به تڏهن چَوندئي. هلو ادا، هاڻي سپ، هلو.

سپ هلندا ٻاهر نڪرن ٿا ته پوپٽ خان عرف ست رنگي چوي ٿو

پوپٽ خان: ها، ماري ويو خوشبو فقير، (افسوس مان ڪنڌ ننهن ۾ لوڏيندي) اڄ کان. صفا، اڻٽ ماري ويو، او ۽، اڻٽ!!

ڪيميرا پوپٽ خان جي ڪليل وات واري چهري تي رهي ٿي.

اسڪرول

محمد علي پنائڙ جا پيڪاڪ پبلشرس اينڊ پرنٽرس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

(1) اڇي رات ڪارو چنڊ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع
(2) مونکي آهَ اٽاريو (شاعري) 2016ع
(3) ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (ڪهاڻيون) 2016ع
(4) وقت بيهي نٿو... (طويل نظم) 2018ع
(5) سئو لفظ سئو ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) 2018ع
(6) سامين سمر سور (ٽي وي ڊراما سيريل) 2018ع
(7) دنيا کان اڳتي (ڪهاڻيون) 2019ع
(8) جان جيئان تان پاڙيان (نظمَ) 2019ع
(9) طوفان ۾ ڪڪائون گهر (ڪهاڻيون) 2020ع
(10) تيسرا لباس: (اردو) ترجمو: ننگر چنا 2020ع
(11) دنيا سي آگي: (اردو) ترجمو: ننگر چنا 2020ع
(12) گهائي ٽي تنهائي (شاعري) 2020ع
(13) اُميد جو ڪرٽو (ڪهاڻيون) 2021ع
(14) Ray Of Hope (Short Stories) 2021
(15) منظر مهڪي ٽو (شاعري) 2021ع
(16) نئون مثال (ڪهاڻيون) 2022ع
(17) وڇوڙي وايون (شاعري) 2022ع
(18) اوڏر جي ماءُ (ٽي وي ڊراما) 2022ع



اڙا ماڻهو ٿورا هوندا آهن، جيڪي لڳاتار هر حالت ۾ پنهنجي منزل تي روان رهندا آهن. اڙڻ ماڻهن مان سنڌي ٻوليءَ جو سرجڻهار پروفيسر محمد علي ٻاڻ ٻ هڪ آهي. هو خوبصورت شاعر ۽ نثرنگار آهي. ڪيس گهٽي زماني کان لاڳيتو پڙهندا رهيا آهيون. هن نظم توڙي نثر گهٽو لکيو آهي. رڳو گهٽو لکڻ نه، پر ٻاڻ پنهنجي معيار کي ٻ برقرار رکندو اچي. هيستائين سندس ڇوويهه ڪتاب ڇپجي ۽ مڃتا ماڻي چڪا آهن. هو نه رڳو مختلف صنفن جي گهٽي جاڻ رکندڙ تخليقڪار آهي، پر فڪري لحاظ کان ٻ سگهارو آهي. جماليات هجي يا حقيقت نگاري هجي، گڏوگڏ فرد هجي يا قوم هجي، هن سيني پاسن کان نباهيو آهي. شاعريءَ جي مختلف صنفن، کهاڻين يا ڊرامن ذريعي سدائين نواڻ نکاريندو رهيو آهي. هن جيڪي ٻ مختصر کهاڻيون لکيون آهن، اُهي مختصر هوندي ٻ بامقصد آهن. انهن ۾ هي پنهنجي پيار ۽ سماج جو پيغام ڏيندو رهيو آهي. سيني خوبين سان گڏ پنهنجي مائٽي ٻولي ۽ ثقافتي ورثي سان پيار ٻ سندس لکڻين ۾ جهلڪندي محسوس ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو نڄ ۽ سهڻو استعمال ٻ وٽس سنو ۽ وڻندڙ رهيو آهي. پيارڙ ڏيندڙ شخصيت جو ڏاڍي اسان جو دوست محمد علي ٻاڻ پنهنجي تخليقن ۾ بنهه دلچسپ آهي. جهڙيءَ ريت هو سدائين مرڪندي ۽ سٽي سياڻ سان ملندو آهي، تهڙيءَ ريت ئي پنهنجي تخليقن ۾ ٻ پنهنجو فڪر پسائيندو رهندو آهي. مان واري محمد علي ٻاڻ سنڌي ڊرامانگار جي حيثيت سان ٻ ٻاڻ ملهايو آهي. ڊرامي جو پلاٽ، ڪردارن جي ڳالهه ٻولهه، مطلب ته جنهن ٻ پاسي کان ڏسبو ته سندس خوبيون نمايان نظر ايندیون. هن جي ٻين ڪتابن سان گڏ هي ڪتاب ٻ پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ۽ سنڌي ادب ۾ واڌارو آهي.

ڈاڪٽر محمد علي مانجهي

ڪراچي 17 جون 2022ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.